MONTHLY WAIJ KARACHI

ABC CERTIFIED

وڃڻ ويهڻ وٽ، جي سِڪين تہ سُکيو ٿيين (شاهہ)

# ماهوار ويڄ ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

THE MAGAZINE ABOUT HEALTH, BEAUTY AND ENVIRONMENT



## ايڊس: هڪ وچڙندڙ روڳ



# قائداعظم جي يوم
# پيدائش جي موقعي تي.

ملڪ جي باني قائداعظم محمد علي جناح
واعدو ڪيو هو تہ "ملڪ کي بکن، بيماري ۽
غيرن جي محتاجي کان نجات ڏيارڻ لاءِ ايمانداري
۽ سچائي سان ڀيٽي محنت ڪئي ويندي".

قائداعظم جي يوم پيدائش جي موقعي
تي اچو عهد ڪريون تہ قائداعظم جي تصور
واري خوشحال ۽ خودمختيار پاڪستان جي لاءِ
جدوجهد ڪريون ۽ پنهنجي پياري وطن کي
عظيم کان عظيم تر بنائينداسين.

عبدالغفار صديقي
ايڊمنسٽريٽر
ضلع ڪائونسل ڪراچي

*ايڊيٽوريل*

# ائبڊز ۽ اسانجو معاشرو

دنيا ۾ جڏهن ائڊز جي بيماري ۽ انجا سبب ظاهر ٿيا تڏهن اسان ڳالهه ڪرڻ لڳاسين ته "اها بيماري اسان جي معاشري ۾ ڪونه ٿي ڦهلجي سگهي". اهو اسان منهجان ڪنهن به ڪونه سوچيو ته وقت جو وهڪرو پاڻ سان گڏ سڪا ۽ ساوا وهائي ويندو آهي. حڪومتي ادارن کان وٺي عام ماڻهو تائين اڄ به ان ڳالهه جو چٽي طرح ڪير اعتراف ڪونه ٿو ڪري ته ائڊز يا ائڊز جا وائرس اسان جي معاشري جي ڪيترن فردن کي وڪوڙي چڪا آهن. اسان جي ان غير حقيقت پسندانه سوچ اسان کي اهڙي جاءِ تي بيهاريو آهي جتان نه ڄاڻي اڳتي ڪيستائين ان باهه ۾ ڏڪبا رهنداسين. ائبڊز وائرس جا ڪيس اسان جي ملڪ ۾ ڪڏهن ظاهر ٿيا ۽ انهن کي ڪيتري وقت تائين لڪايو ويو ان جي صحيح انگن اکرن جي ڄاڻ ته شايد ڪنهن کي هجي پر ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو ته اسان کي سالن کان وٺي اوندهه ۾ ضرور رکيو ويو. اڄ جڏهن اها باهه اسان جي معاشري ۾ داخل ٿي چڪي آهي تڏهن به افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جو عوام ۽ اسان جا ڪامورا اها ڳالهه ڪڏهن وڏي واڪي ڪن ٿا ته اسان وٽ اهو مرض نه آهي ۽ اهو مغربي ملڪن جو مسئلو آهي. جڏهن ته پاڻي مٿي کان گذري چڪو آهي.

هاڻي اچو ته الڳ الڳ طريقي سان ڏسون ته اسان جا حڪومتي ادارا ۽ عوام ان ڏس ۾ ڪيتريقدر ڪوشان آهن.

سڀ کان پهريائين حڪومتي ادارن ڏانهن نظر ڦيرائي ڏسون ته ائبڊز جي روڪٿام لاءِ ماڻهن کي ڄاڻ ڏيڻ ۽ ائبڊز وائرس / مرض ۾ قاتل فردن جا انگ اکر ڪٺا ڪرڻ ان جي پهرين ذميواري آهي. جيستائين ائبڊز جي بچاءَ لاءِ تعليم جي ڳالهه آهي ته ان لاءِ اسان جي سرڪار ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪري رهي آهي پر سندس هر ڳالهه اڌوري آهي جيئن ٽي وي، ريڊيو، اخبارن ۽ رسالن ۾ ائبڊز بابت اشتهار ته عام ماڻهن تائين ضرور پهچن ٿا پر انهن ۾ ڏنل پيغام ڪيرقدر واضح آهي....؟ ان کي سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ ڇا عام ماڻهو جي وس ۾ آهي-؟ ماڻهن کي گهٽي پاڳي تعليم ڏيڻ بجاءِ اشتهارن ۾ اهو ٻڌايو ويندو آهي ته ائبڊز بابت وڌيڪ معلومات پنهنجي ڊاڪٽر کان حاصل ڪريو- اسان جا ڊاڪٽر ماڻهن ۾ صحت جي تعليم ڪيتريقدر ڦهلائن ٿا ان جي اسان سڀن کي ڄاڻ آهي. ائبڊز ته پري جي ڳالهه آهي پر اسان جي ڊاڪٽرن وٽ ته پئسن ڪمائڻ کانسواءِ ايترو وقت به ڪونهي جو ماڻهن کي عام صحت ۽ صفائي سٿرائي بابت سمجهائي سگهن. اسان وٽ بيمارين جي روڪٿام لاءِ سرڪار پاران گهٽا ڊاڪٽر مقرر ڪيا ويا آهن-؟ سڄي ملڪ اندر ڪم ڪندڙ هزارين ڊاڪٽر جيڪي سرڪار علاج معالجي لاءِ مقرر ڪيا آهن انهن مان هڪ سيڪڙو به اهڙا ڊاڪٽر ڪونه رکيا ويا آهن جيڪي بيمارين جي روڪٿام لاءِ ڪم ڪن ۽ صحت جي تعليم ڏين. جڏهن سرڪار پاران خود انهي شعبي ۾ ڪم ڪونه ٿو ٿئي ته پوءِ پرائيويٽ سيڪٽر جا ڊاڪٽر جيڪي سڄو ڏينهن دوائن لکڻ ۾ مصروف هوندا آهن، تن کي ڪهڙي ضرورت رهندي جو ويهي ماڻهن کي وقت ڏيئي ۽ ائبڊز يا صحت جون پيون ڳالهيون سمجهائيندا. تنهن لاءِ سرڪار کي عام ماڻهو جي مشوري لاءِ يا ته ڊاڪٽر / صحت ورڪر مقرر ڪرڻ گهرجن يا ابلاغي ذريعن سان ڏنل اشتهارن ۾ پنهنجو واضح پيغام ڏيڻ گهرجي.

جيستائين ائبڊز بابت انگن اکرن گڏ ڪرڻ جي ڳالهه آهي ته اسان جي ملڪ ۾ ائبڊز لاءِ خون جي تپاس ڪرڻ واسطي اندازًا 25 مرڪزن جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي جتي ائبڊز / يا ائبڊز وائرس قاتل ماڻهن جو خون تپاسي سندن انگ اکر ڪٺا ڪري سگهجن ٿا يا وري ماڻهن کي خون جي منتقلي کان اڳ ۾ ڪين منتقل ٿيندڙ خون کي ٽيسٽ ڪري اها پڪ ڪجي ته ان ۾ ائبڊز وائرس ڪونهن. هاڻي اهڙن مرڪزن جي ڪم ڪار جو حال اهو آهي ته خالي سنڌ اندر اهڙن

مرڪزن جي دعوي ڪراچي کان سواءِ حيدرآباد، نواب شاهه ۽ لاڙڪاڻي ۾ قائم هئڻ لاءِ ڪئي وڃي ٿي. جنهن سلسلي ۾ نومبر 1994 واري ويچ جي شماري ڪي سنڌ سرڪار جي صحت سيڪريٽري پاران ڏنل انٽرويو ۾ اهو اعتراف ڪيو ويو آهي ته ڪراچي ڪانسواءِ سنڌ جي باقي ڪنهن به شهر ۾ ائڊز جي ٽيسٽ لاءِ قائم ٿيل مرڪزن ۾ ٽيسٽ واسطي گهربل مخصوص ڪٽس ڪافي وقت کان موجود ڪونه آهن. هاڻي اهڙين حالتن ۾ جڏهن ٽيسٽ ڪرڻ وارن مرڪزن ۾ ٽيسٽ ڪرڻ لاءِ گهربل سامان ئي موجود ڪونه هوندو ته ائڊز جي مريضن جي انگن اکرن جي صحيح خبر ڪٿان پوندي ۽ خون ذريعي ائڊز وائرس جي ڦهلاءَ کي ڪيئن روڪي سگهبو ۽ ائين ئي اسان سال 2000ع تائين سڄي معاشري کي صحتمند ڪيئن ڪري سگهنداسين.

جيستائين عام ماڻهو ۾ ائڊز بابت سجاڳي جو سوال آهي ته اسان جو عام ماڻهو پنهنجي پاڻ ۽ پنهنجي گهر ٻار کي انهي بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ڪيترقدر تيار آهي، ان جو اندازو ان ڳالهه مان ٿيندو ته جڏهن به ڪنهن اخبار يا رسالي ۾ ائڊز بابت ڪا ڳالهه ڇپبي آهي ته اسان جو ماڻهو ان کي فحاشي ۽ بي حيائي جو نالو ڏئي گهر ڪٽي وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو آهي.

صحت جي عالمي اداري هلندڙ سال کي **ائڊز ۽ ٻارن** جي حوالي سان سڏيو آهي ۽ اهو پيغام ڏنو آهي ته جيستائين اسان جي سيني ڪٽنبن ۾ ائڊز بابت سجاڳي نه ايندي تيسين ان موذي مرض کان بچڻ ڏکيو آهي. واقعي اهڙي مرض جي ڄاڻ جيستائين اسان جي عورتن ۽ ٻارن ۾ نه ايندي تيستائين اسان جو معاشرو ان کان ڀرپور نموني بچي ڪونه سگهندو- ڏک جهڙي ڳالهه اها آهي ته اسان سائنسي جنسي ڄاڻ کي عرياني ۽ بي حيائي سمجهون ٿا. جيستائين اهڙي ڄاڻ جو تعلق آهي ته اهڙيون ڳالهيون ته اسان جي مذهبي ڪتابن ۾ به ڀريل آهن. حديثن ۾ ڪافي جڳهن تي عورتن ۽ مردن جي حقن ۽ رشته ازدواج بابت واضح ڳالهيون سمجهايل آهن ته پوءِ ڇا اسان پنهنجي گهرن ۾ اهي ڪتاب ڪٽي وڃڻ بند ڪري ڇڏيون..؟ سنڌي زبان جو هڪ ٻيو مشهور مذهبي ڪتاب بهشتي زيور جيڪو تقريباً ڪافي گهرن ۾ پڙهيو وڃي ٿو ان ۾ اهي جنسي نقطا ڪيتريقدر ذڪر ڪيل آهن..؟ باقي جيڪڏهن بيماري کان بچاءَ لاءِ ڪٽي جنس جي سائنسي ڄاڻ ڏني وڃي ٿي ته ان تي فحاشي جو ليبل ڇو ٿو لڳايو وڃي. ياد رکڻ گهرجي ته اسلام ۾ بيمارين کان بچڻ ۽ صفائي سترائي رکڻ کي ضروري سڏيو ويو آهي. پنهنجي خاندان کي جيستائين انهن موذي مرضن بابت ڪير صحيح ۽ سائنسي ڄاڻ نه ڏيندو ته ان جو مثال ائين آهي جيئن ڪير نابين ماڻهو کو اهڙو رستو اختيار ڪري جنهن رستي تي سنڌس جان کي جوکو هجي ۽ هو ڏسي نه سگهڻ ڪري پنهنجي جان تان هٿ ڌوئي ويهي. هاڻي ان نابين جو ته ڪو ڏوهه ناهي ڇو ته ان کي اگر ڪير صحيح رستو ڏيکاريندو ته هو مسڪين پنهنجي جان بچائي سگهندو. ساڳئي ڳالهه آهي ته اسان ۽ اسان جي خاندان وارا اگر صحت بابت سائنسي ڄاڻ نه رکندا ۽ انهن کي ڪير نه سيکاريندو ته جهالت ۽ نابين پڻي ۾ ڪو وڏو فرق نه آهي.

اميد ته اسان جا سرڪاري ادارا ۽ عام ماڻهو هن ڳنڀير مسئلي تي گهرائي ۽ فراخدلي سان سوچيندا ۽ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي مثبت ڪردار ادا ڪري پنهنجي پاڻ پنهنجي خاندان ۽ پنهنجي قوم جي مستقبل کي بچائيندا.

ادارو

# وچڙندڙ جنسي بيماريون
# TRANSMITTED SEXUALLY DISEASES

ڊاڪٽر شرف علي شاهه

## ائڊس AIDS

ائڊس هڪ نئين موتمار بيماري آهي جيڪا ڪافي تيزيءَ سان سڄي دنيا ۾ ڦهلجي رهي آهي ۽ هن وقت تائين لکين ماڻهو انهي مرض سبب اجل جو شڪار ٿي چڪا آهن ۽ بي انتها ٻيا ماڻهو انهي مرض ۾ مبتلا ٿيڻ جي خطري ۾ آهن.

جيستوڻيڪ ائڊس جو پهريون مريض 1981 ۾ آمريڪا ۾ تشخيص ٿيو پر هڪ اندازي موجب هي مرض آفريڪا کنڊ ۾ ڪافي وقت اڳ کان موجود هيو. پاڪستان ۾ ائڊس جو پهريون مريض 1986ع ۾ ڪراچي ۾ تشخيص ٿيو.

هن موذي مرض جو ڪارڻ هڪ اڻ لکو جيوڙو يا وائرس آهي، جنهن کي ايچ. آءِ. وي جو نالو ڏنو ويو آهي. جيڪو گهڻي قدر جنسي ميلاپ جي ذريعي هڪ ماڻهو مان ٻئي ماڻهو ڏانهن ڦهلجي ٿو. جنسي ميلاپ کان علاوه رت جي ذريعي، خون جي منتقلي جي دوران يا سئي جي ذريعي (جيڪڏهن ساڳئي سئي بغير اسٽرلائيز ڪري لڳائجي) به هي مرض ڦهلجي سگهي ٿو. ماءُ جي پيٽ مان حمل دوران يا ڊليوري وقت به هي مرض ماءُ مان ٻار ڏانهن منتقل ٿي سگهي ٿو.

هن مرض ۾ هڪ خاص ڳالهه اها آهي ته ماڻهو جي جسم ۾ هن اڏام جهوڙي جو داخل ٿيڻ ۽ مرض جون علامتون شروع ٿيڻ ۾ ڪافي تاثير لڳي ٿو جيڪو ڏهه کان ٻارهن سالن تائين ٿي سگهي ٿو ۽ انهي عرصي دوران مريض بلڪل صحت مند رهي ٿو ۽ هن کي ڪوبه پتو نٿو پوي ته هن جي جسم ۾ هن بيماري جو وائرس داخل ٿي چڪو آهي، پر هڪ خون جي ٽيسٽ جي ذريعي انهي عرصي دوران اهو معلوم ڪري سگهجي ٿو ته هي وائرس جسم ۾ داخل ٿي چڪو آهي.

جيڪڏهن مريض ۾ ايڊز جون علامتون نه هجن ۽ خون جي ٽيسٽ جي ذريعي پتو لڳي ته انهي بيماري جو وائرس مريض جي جسم ۾ داخل ٿي چڪو آهي ته پوءِ انهي مريض کي ايچ. آءِ. وي پازيٽو (H.I.V. +ve) چيو ويندو آهي، ۽ ڪنهن به وقت هڪ دم ايڊز جي مريض جون علامتون شروع ٿي سگهن ٿيون.

مريض ايچ. آءِ. وي پازيٽو (H.I.V. +ve) ٿيڻ کانپوءِ سڄي زندگي هي مرض ٻين ماڻهن کي منتقل ڪري سگهي ٿو ۽ منتقلي جا عام ذريعا مٿي بيان ڪري چڪا آهيون. بدقسمتي سان هن مرض جو اڃان تائين ڪوبه خاطر خواهه علاج دريافت نه ٿيو آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي ته هي وائرس ڪنهن به ماڻهو جي جسم ۾ جيڪڏهن هڪ دفعو داخل ٿي وڃي ته پوءِ ان جو نتيجو يقينن موت ئي آهي.

ٻي ڳالهه اها آهي ته هن موذي مرض جي بچاءُ لاءِ اڃا تائين ڪا به ويڪسين ايجاد نه ٿي سهگي آهي جنهن جي ذريعي هن مرض کي ڦهلجڻ کان روڪي سگهجي.

انهي جو مطلب اهو آهي ته هن مرض کان بچڻ جو صرف هڪ ئي طريقو آهي ته هن وائرس کي ڪنهن به طريقي سان جسم ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو وڃي.

جيئن ته اسين بيان ڪري چڪا آهيون ته هي وائرس گهڻي قدر جنسي ميلاپ جي ذريعي مريض مان ٻئي ماڻهو ۾ منتقل ٿئي ٿو ته انهي لاءِ تمام ضروري آهي ته جنسي ميلاپ جي معاملي ۾ تمام گهڻو احتياط ڪجيءَ هيٺين اپائن وٺڻ سان ڪافي قدر هن مرض کان بچي سگهجي ٿو.

1- جنسي تعلقات صرف پنهنجي زال يا مڙس سان هجڻ گهرجن.

2- بازاري عورتون يا ڇوڪرن سان جنسي ميلاپ کان پرهيز ڪجي.

3- جنسي ميلاپ دوران ڪنڊوم استعمال ڪرڻ سان هن مرض جو خطرو ڪافي قدر گهٽجي وڃي ٿو.

4- ٻاهرين ملڪن جي سفر دوران خاص ڪري اڻ واقف ماڻهو سان جنسي ميلاپ کان پرهيز ڪجي.

5- خون جي منتقلي دوران هميشه خون ڏيڻ کان پهريون خون کي هن وائرس

لاءِ چيڪ ڪجي ۽ صرف ايچ. آءِ. وي (H.I.V.) وائرس کان پاڪ خون منتقل ڪيو وڃي انهي لاءِ بهتر آهي تہ صرف پنهنجي عزيزن ۽ دوستن کان خون ورتو وڃي ۽ بازار مان خون خريد نہ ڪيو وڃي.

هميشہ ڪوشش ڪري Dis-posable سئي استعمال ڪجي ۽ اها سئي هڪ مريض کي استعمال ڪانپوءِ ضايع ڪجي ۽ انهي کي ڪنهن بہ حالت ۾ ٻئي مريض ۾ استعمال نہ ڪجي.

حمل دوران عورت جو خون ائڊس جي وائرس لاءِ چيڪ ڪجي.

**ائڊس جي مرض جون علامتون:**

جيئن تہ اسان مٿي بيان ڪري چڪا آهيون تہ هي مرض ايچ. آءِ. وي (H.I.V.) وائرس جسم ۾ داخل ٿيڻ کان فورن بعد شروع نہ ٿيندو آهي ۽ هن مرض جون علامتون ڪافي سالن کان پوءِ شروع ٿينديون آهن ۽ اهو عرصو ڏهن کان ٻارهن سال بہ ٿي سگهي ٿو.

ايچ. آءِ. وي (H.I.V.) وائرس جنهن وقت اسان جي جسم ۾ داخل ٿيندو آهي انهي وقت هلڪو بخار ۽ فلو وانگر علامتون ظاهر ٿينديون آهن جيڪي خود بخود بغير علاج جي هڪ ٻن ڏينهن اندر ختم ٿي وينديون آهن ۽ مريض اڪثر انهن علامتن کي عام رواجي زڪام سمجهندو آهي ۽ انهي ڪانپوءِ هڪ ٻن مهينن اندر جسم ايچ. آءِ. وي (H.I.V.) وائرس جي خلاف اينٽي باڊيز پيدا ڪندو آهي جيڪو خون جي چڪاس ذريعي معلوم ڪري سگهجي ٿو ۽ انهي ڪانپوءِ مريض کي ايچ. آءِ. وي پازيٽو (H.I.V. +ve) چيو ويندو آهي.

انهي کان پوءِ وائرس انسان جي جسم ۾ ڪيترائي سال خاموشي سان گذاريندو آهي ۽ پوءِ هڪدم خون جي خاص گهرڙن تي حملو ڪندو آهي ۽ تمام تيزيءَ سان انهن گهرڙن کي تباهہ ڪندو ويندو آهي خون جا خاص گهرڙا "T - lymphocyts" هي جسم جي دفاع لاءِ ضروري آهن ۽ انهن جي تباهيءَ سبب جسم جي مدافعتي قوت بلڪل ختم ٿي ويندي آهي ۽ مريض ڪيترن ئي مختلف قسمن جي انفيڪشنس جو شڪار ٿي پوڻ بعد ڇوٽڪارو حاصل نہ ڪري سگهندو آهي.

ائڊس جي مرض جون علامتون ڪيترن ئي عام بيمارين سان ملندڙ جلندڙ آهن تنهن ڪري ڪنهن بہ هڪ يا چند علامتن سان هي مرض تشخيص نہ ڪيو ويندو آهي بلڪِ ڪيترين ئي علامتون جيڪڏهن هڪ ئي وقت گڏ ڪنهن مريض ۾ هجن تہ پوءِ ضرور انهي مريض جو خون ايچ. آءِ. وي (H.I.V.) اينٽي باڊيز لاءِ ٽيسٽ ڪيو وڃي تہ جيئن مرض تشخيص ڪري سگهجي.

**وڏيون علامتون:**

**هڪدم وزن جو گهٽجڻ:**

جيڪڏهن ڪوبہ مريض اها شڪايت ڪري تہ هن جو وزن هڪ دم گهٽجي رهيو آهي ۽ انهي جو ڪوبہ عام سبب نظر نٿو اچي ۽ جيڪڏهن اها وزن جي گهٽتائي مريض جي ٽوٽل وزن کان ڏهہ سيڪڙو کان وڌيڪ آهي تہ پوءِ اها علامت ائڊس جي مرض جي ٿي سگهي ٿي.

**بخار**

جيڪڏهن بخار ڪافي وقت هلي ۽ انهي جو ڪوبہ ڪارڻ معلوم ٿي نہ سگهي تہ پوءِ ضروري آهي تہ انهي مريض جو خون ائڊس جي اينٽي باڊيز لاءِ چيڪ ڪجي.

**دست يا جلاب:**

جيڪڏهن ڪنهن مريض کي دستن يا جلابن جي شڪايت ڪافي پراڻي هجي ۽ ان جو ٻيو ڪوبہ خاص سبب معلوم ٿي نہ سگهي تہ پوءِ اها علامت ائڊس جي مرض جي ٿي سگهي ٿي.

ياد رهي تہ مٿيون ٽئي علامتون يعني وزن جو گهٽجڻ، بخار ۽ جلاب يا دست تمام عام علامتون آهن جيڪي ڪيترن ئي عام رواجي بيمارين ۾ ٿي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن انهن علامتن جو ٻيو ڪو عام سبب ٿي نہ سگهي تہ پوءِ ائڊس جي مرض جو سوچي سگهجي ٿو.

**غدودن جي سوڄ:**

خاص ڪري ڪَڇن، سٿرن ۽ ڪنڌ جا غدود سڄي پوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهي قسم جا غدود سڄي جسم ۾ سڄي سگهن ٿا.

**ايڊز جي بيماريءَ سان لاڳو مرض يا علامتون:**

ايڊز جي مريض ۾ هيٺيون بيماريون تمام جلد ۽ شدت سان شروع ٿينديون آهن، ڇاڪاڻ جو مريض جي قوت مدافعت يا سسٽم بلڪل تباهہ ٿي ويندو آهي.

**"الف" وات جو فنگس:**

مريض جي زبان يا وات جي اندر سفيد رنگ جي داڻ، داڻ نظر ايندي آهي ۽ مريض جو وات پڇي پوندو آهي ۽ ننڍا ننڍا زخم بہ ٿي سگهن ٿا ۽ مريض کي کاڌي کائڻ ۾ تڪليف ٿي سگهي ٿي.

**"ب" وات جي هرپيز (وات جا پيرون داڻا):**

هي هڪ وائرل انفيڪشن آهي

جيڪا گهڻو ڪري چپن تي ننڍڙن ڦوڪڻن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي ۽ جلدي ئي اهي ڦوڪڻا ڦسي پوندا آهن جنهن ڪري ننڍا ننڍا زخم ٿي پوندا آهن جن ۾ مريض سور جي شڪايت ڪري سگهي ٿو هي وات جا پيرون داڻا اڪثر وري وري ساڳئي جاءِ تي نڪرندا رهندا آهن.

انهيءَ قسم جا ڦوڪڻا اڪثر ڪن ماڻهن جي چپن تي بخار دوران به نڪرندا آهن جنهن کي بخار جا داڻا چيو ويندو آهي.

**"ت" نمونيا:**

ائڊس جي مريض ۾ قوت مدافعت نه هئڻ ڪري هي مرض مريض جي ڦڦڙن تي تمام سخت حملو ڪندو آهي ۽ مريض کي ساهه کڻڻ ۾ تمام تڪليف ٿيندي آهي ۽ اها نمونيا مريض جي موت جو سبب به بنجي سگهي ٿي.

**"ث" ڪپوشي سارڪوما:**

هي خاص قسم جي چمڙيءَ جي ڪينسر آهي جيڪا اڪثر ايڊز جي مريض کي اثر انداز ڪندي آهي.

هن مرض ۾ مريض جي جسم تي خاص ڪري ٽنگ وغيره تي ڳهاٽي ڳاڙهي يا ناسي رنگ جا داڻا ظاهر ٿيندا آهن.

**ايڊز جو مرض ڪنهن کي ٿي سگهي ٿو:**

هونءَ ته ايڊز جو مرض ڪنهن کي به ٿي سگهي ٿو مرد، عورت، ٻار، جوان، ڪراڙو وغيره پر خاس قسم جي ماڻهن ۾ هي مرض ٿيڻ جو خطرو تمام گهڻو هوندو آهي.

**1- جنسي بي راهه روي:**

جيئن ته اسان مٿي بيان ڪري چڪا آهيون ته ايڊز هڪ جنسي وچڙندڙ مرض آهي ۽ هن مرض جي ڦهلجڻ جو سڀ کان عام ۽ اهم ذريعو جنسي ميلاپ آهي تنهن ڪري هي مرض انهن ماڻهن ۾ جيڪي جنسي بي راهه روي جو شڪار هوندا آهن، ٿيڻ جو امڪان تمام گهڻو هوندو آهي. خاص ڪري بازاري عورتن سان جنسي ميلاپ ذريعي هن مرض جو امڪان تمام وڌي وڃي ٿو.

**سئي ذريعي نشي وائرائڻ وار ماڻهو:**

هن قسم جا نشئي يا موالي ساڳي سئي هڪ وقت ڪيترن ئي ماڻهن ۾ استعمال ڪندا آهن، تنهنڪري ائڊز جو وائرس آساني سان مريض مان ٻين ماڻهن ۾ منتقل ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري سئي ذريعي نشو وائرائڻ وارن موالين ۾ مرض گهڻو ڏنو ويو آهي.

**ٻين جنسي بيمارين ۾ مبتلا مريض:**

اهي مريض جيڪي ٻين جنسي وچڙندڙ بيمارين ۾ مبتلا هوندا آهن. جهڙوڪ سوزاڪ وغيره انهن ماڻهن ۾ ائڊس ٿيڻ جو امڪان عام ماڻهوءَ کان تمام وڌيڪ هوندو آهي.

**خاص رت جي بيمارين وارا مريض:**

اهي مريض جن کي خاص قسم جي رت جي بيماري هوندي آهي. جنهنڪري هنن کي بار بار رت ڏيڻ جي ضرورت پوندي آهي جهڙوڪ: (Thalasemia)۾ انهن مريضن ۾ به ائڊز تمام گهڻي ڏٺي وئي آهي.

## جنسي ڪلاميڊيا انفيڪشن
## Genital Chlamydia Infection

هي وچڙندڙ جنسي بيماري گهڻي ڀاڱي پرميل کان به وڌيڪ عام آهي. پر اسان جي ملڪ ۾ اڃان تائين هن بيماريءَ جي تشخيص جي لاءِ گهربل سهولتون نه هئڻ ڪري مڪمل تشخيص نه ٿي سگهي آهي. پر ٻاهرين ملڪن جو اڪرن ۽ مقامي ڊاڪٽرن جي تجربي جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته هي مرض اسان وٽ به ڪافي عام آهي.

جئين ته هن بيماري ۾ شديد علامتون نه ٿينديون آهن، تنهنڪري تمام گهٽ مريض ڊاڪٽرن وٽ علاج لاءِ ويندا آهن.

**علامتون:**

هن مرض جون علامتون بلڪل پرميل سان ملندڙ، جلندڙ ٿينديون آهن يعني مرد توڙي عورت جي پيشاب جي جاءِ تان پاڻياٺ يا رطوبت جو خارج ٿيڻ، پر هن مرض ۾ پاڻياٺ جو مقدار ڪافي گهٽ هوندو آهي ۽ انهي سان گڏ پاڻياٺ پرميل جي مقابلي ۾ ٿوري ڇڊي ۽ پاڻيءَ وانگر ٿيندي آهي، عورتن ۾ هلڪي پاڻياٺ جو خارج ٿيڻ سبب گهڻو ڪري عام رواجي سمجهي توجه نه ڏنو ويندو آهي، تنهنڪري عورتن ۾ هي مرض تڏهن وڃي تشخيص ٿيندو آهي، جڏهن ڪا پيچيدگي پيدا ٿيندي آهي.

**تشخيص:**

جيئن ته اسين مٿي بيان ڪري چڪا آهيون ته هن مرض جي تشخيص جي سهولت اسان وٽ اڃان حاصل نه آهي، هي تشخيص خاص قسم جي رت ۾ ٽيسٽ يا پاڻياٺ جي ڪلچر ذريعي ڪئي ويندي آهي.

**علاج:**

ڪلاميڊيا جو علاج تمام آسان آهي. خاص قسم جا ڪيپسول 10 ڪان

# ائبڊز ۽ ڪٽنب

علي مرتضيٰ ڌاريجو

# AIDS AND FAMILY

**صحت واري عالمي اداري (World Health Organization) هلندڙ سال دوران "ائبڊز ۽ ڪٽنب" (Aids and Family) بابت ڇاڻ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي جيئن ته ائبڊز جي حوالي سان ڪٽنب ۾ سڀ ڪان وڌيڪ اهميت عورت جي هجي ٿي ۽ مرد مان عورت - عورت مان مرد جي ائبڊز ۾ ڦاسڻ جا وڌيڪ امڪان هجن ٿا جنهن بعد سندن ٻار به ان جو نتيجو ڀوڳن ٿا تنهنڪري ان سلسلي ۾ اسان هي مضمون عورت ۽ ائبڊز بابت شايع ڪري رهيا آهيون.**

**"ادارو"**

عورتن ۽ مردن کي ائبڊز جي وائرس ۾ مبتلا ٿيڻ جو هڪ جيترو خطرو ٿي سگهي ٿو جڏهن ته ڪيترن لحاظن کان عورتون ائبڊز جي وائرس لاءِ وڌيڪ حساس هجن ٿيون يعني ته اهي مردن جي ڀيٽ ۾ ان وائرس جو وڌيڪ سولائيءَ سان ۽ جلدي شڪار ٿي سگهن ٿيون. جيئن ته شروعات ۾ ائبڊز ۾ مبتلا جيڪي به فرد سڃاتا ويا هئا اهي مرد هئا ان سبب خاص طور تي عورتون اهوئي ڀانئينديون آهن ته اها هڪ مردن جي بيماري آهي جنهن ۾ هو ورلي ڪو شڪار ٿي سگهن ٿيون. جڏهن ته هاڻ ان ڳالهه ۾ شڪ نه رهيو آهي ڇاڪاڻ ته ڪيتريون ئي لاتعداد عورتون هن مرض ۾ مبتلا ٿي چڪيون آهن تنهن ڪري ائين چئي نه ٿو سگهجي ته ائبڊز جي بيماري رڳو مردن تائين محدود آهي يا عورتون ان جو گهٽ شڪار ٿي سگهن ٿيون.

عورتون به مردن جيان ائبڊز جي بيماريءَ ۾ ساڳين ئي طريقن سان مبتلا ٿي سگهن ٿيون ۽ هن بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيڻ جا اهي وڏا ۾ وڏا عام وسيلا آهن جهڙوڪ: ڪا اهڙي رت يا رت جا ڪي حصا حاصل ڪرڻ جيڪا ائبڊز جي مريض جي هجي يا اهو ائبڊز جي وائرس ۾ مبتلا هجي، ڪي اهڙا وزار استعمال ڪيا ويا هجن جيڪي ائبڊز جي وائرس کان پاڪ صاف نه هجن ته هيءَ بيماريءَ جنسي لاڳاپن رستي به سولائي سان وچڙي سگهي ٿي.

اهڙا مرد جيڪي گهڻا جنسي دوست رکندڙ آهن پوءِ چاهي سندن اهڙي دوستي مردن سان هجي يا عورتن سان ته اهي به عورتن لاءِ وڏا ۾ وڏا خطرناڪ ثابت ٿين ٿا - اهڙن مردن جون عورتون ان ڳالهه کان به واقف ناهن هونديون ته ڪو سندن مڙسن جو ٻين به ڪيترن ئي فردن سان جنسي لاڳاپو رهندڙ آهي ۽ ان سبب اهي به اڻ ڄاڻ هجڻ سبب ائبڊز جي وائرس ۾ مبتلا ٿيڻ جي خطري ۾ رهن ٿيون. ان لحاظ کان جملي عورتون ائبڊز ۽ اهڙين ٻين جنسي وچڙندڙ بيمارين لاءِ وڌيڪ خطري ۾ رهن ٿيون جنهن جو واحد سبب سندن مڙسن جو اهو ورتاءُ آهي جنهن هيٺ هو ڪيترن فردن سان جنسي لاڳاپا رکندڙ هجن ٿا - اهڙي اڻڄاڻائي سبب عورتون پنهنجو موثر بچاءُ به ڪري نه ٿيون سگهن.

عورتون ائبڊز جي وڌيڪ خطري ۾ ان سبب به رهن ٿيون جو سندن سماجي - اقتصادي مسئلا اهڙا هجن ٿا ۽ انهن ۾ خاص طور تي اهي عورتون وڌيڪ خطري ۾ رهن ٿيون جيڪي مجبوراً جنسي سودي بازي رستي پيٽ گذر ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيون وڃن ٿيون. ان لحاظ کان دنيا جي گهڻن ئي اسرندڙ ملڪن جون عورتون ڳوٺاڻن علائقن مان لڏ پلاڻ ڪري شهري ڳتيل آباديون وسائڻ لڳيون آهن. اتي پهچڻ کانپوءِ ڪيترين عورتن کي اهڙو ماحول ملي ٿو جنهن هيٺ هو جنسي وهنوار ڪري نه رڳو پنهنجيون ضرورتون پوريون ڪن ٿيون ته ائبڊز جي وائرس ۾ به مبتلا ٿينديون رهن ٿيون.

انهن پهلوئن کانسواءِ ٻيا به ڪيترائي اهڙا پهلو آهن جن سبب ائبڊز جي وائرس ۾ عورتون مبتلا ٿي سگهن ٿيون مثال طور جيئن ته دنيا جي ڪيترن ملڪن ۽ قومن ۾ اهو به رواج آهي ته اتي عورتن جو طهر ڪرايو ويندو آهي ۽ طهر ڪرائڻ لاءِ جڏهن ساڳيا اوزار / بليڊ وغيره استعمال ڪيا وڃن ته ان رستي به هڪ متاثر عورت کان ٻئي تائين ائبڊز جو وائرس پهچي سگهي ٿو. جيئن ته اڃان تائين اهڙا ڪي پڪا ثبوت ملي نه سگهيا آهن ته هن رسم رستي ائبڊز جو وائرس منتقل ٿيندو رهي ٿو پر تنهن هوندي به ان رسم سبب اهو سمجهيو وڃي ٿو ته

**پيرن تي هٽڻ جو عام پائونڊر يا ورِي (Anti-Fungal Powder) سفر ۾ ضرور گڏ رکجي. تيل يا ويزلن پڻ گڏ هجي جيئن پير خشڪ ٿي وڃن تہ استعمال ڪجي. بوٽ آرامده پائڻ گهرجي، جيئن گهڻو وقت استعمال ڪرڻ سان تڪليف نہ ڏئي. جيڪڏهن توهان ڪار ۾ سفر ڪري رهيا آهيو تہ بغير ڪجهہ کاڌي، ٻن ڪلاڪن کان وڌيڪ ڪار نہ هلايو يا وري ڪجهہ بسڪٽ يا سينڊوچ وغيره کائي ڇڏيو. جيڪڏهن ڪجهہ دوست احباب سفر ۾ ساٿي هجن تہ کين پنهنجون ضرورتون ٻڌائڻ ۾ حجاب نہ ڪريو، جيئن هو سفر ۾ اوهان جي ضرورتن مطابق پروگرام ٺاهي سگهن**

جيڪڏهن توهان ريل يا بس ۾ آهيو تہ فوراً اهي شيون کائي ڇڏيو جيئن فوري علاج ٿي وڃي ۽ اوهان کي يا اوهان جي همسفرن کي ڪا تڪليف ڪونہ ٿئي.

** سفر دوران ورزش ڪرڻ تمام ضروري آهي، خاص ڪري جڏهن توهان ڪنهن ڊگهي هوائي سفر يا ٽرين يا ڪار ۾ هجو. وقفي وقفي سان سيٽ تان اٿي ٿوري چهلقدمي ڪيو. هر ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ ڪار کي بيهاري ٿورو گهمڻ گهرجي.

** جيڪڏهن ڪجهہ دوست احباب سفر ۾ ساٿي هجن تہ کين پنهنجون ضرورتون ٻڌائڻ ۾ حجاب نہ ڪريو، جيئن هو سفر ۾ اوهان جي ضرورتن مطابق پروگرام ٺاهي سگهن.

**منزل تي پهچڻ ڪانپوءِ:-**

- پنهنجي دوا يا انسولن اڳوٽي روٽن مطابق وٺو.
- دعوتن ۾ يا هوٽل جي کاڌي ۾ پرهيز جو خيال رکو.
- حج جي موقعي تي يا عمري شروع ڪرڻ کان اڳ ڪو سينڊوچ کائي ڇڏيو جنهن ۾ گوشت يا ڪڪڙ هجي. ان طرح جڏهن عرفات جي ميدان ڏانهن روانا ٿيو تہ ضرور ڪا شي يا سينڊوچ کائي ڇڏيو.

ائين ئي مذدلفہ وڃڻ کان ۽ شيطان کي پٿريون هڻڻ کان اڳ ڪا شي کائي ڇڏيو.

پنهنجو ننڍڙو سفري بيگ هميشہ پاڻ سان گڏ رکو يا پنهنجي چيلهہ سان ٻڌي ڇڏيو. جنهن ۾ ڪجهہ کائڻ جون شيون هجن. ضرورت مهل انهن کي کائي ڇڏيو ۽ موقعو ملندي ئي وري اهي شيون خريد ڪري بيگ ۾ وجهي ڇڏيو.

ڪوشش ڪيو تہ بوتلن ۾ بند پاڻي يا چانهن ۽ ڪافي پيئو ڇو تہ انهن ۾ پاڻي اباريل هجڻ جي ڪري جراثيم نہ هوندا آهن.

**ياد رکندا تہ:**

- اوهان لاءِ عام حالتن ۾ گلوڪوز ۽ کنڊ جو استعمال منع آهي.
- ميدي وارين شين کان پرهيز ضروري آهي.
- اوهان تمباڪو نوشي ٿتا ڪري سگهو.
- دوران سفر پنهنجي جسم جي صفائي خاص ڪري پنهنجن پيرن جي صفائي جو خاص خيال رکڻو آهي.
- ننهن ڪٽڻ مهل احتياط ڪيو، ڇو تہ زخم ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ان کي ڀرجڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ٿو ۽ سفر ۾ اهو گهڻي تڪليف ڏئي ٿو.
- جيڪڏهن جسم تي ڪو زخم يا ڦٽ نڪري، ڪنگهہ ۽ بخار ٿي پئي يا وري پيشاب بار بار اچي يا سڙي اچي تہ هڪدم پنهنجي ڊاڪٽر سان رجوع ڪيو.
- باهہ جي ويجهو نہ ويهو ۽ ان طرح سان گرم پاڻي جي بوتل جو استعمال منع آهي.

سفر دوران روزو رکڻ منع آهي؛

- سفر دوران پنهنجي پيشاب ۽ رت ۾ گلوڪوز جو ٽيسٽ ڪندا رهو.

گهڻن ماڻهن جو خيال هوندو آهي جڏهن بہ شگر وڌي ويندي آهي، تہ کين خبر پئجي ويندي آهي، اهو خيال بلڪل غلط آهي.

- پنهنجي بيماريءَ جو فائل سفر دوران گڏ رکو جيئن بوقت ضرورت ڊاڪٽر کي ڏيکاري سگهجي.

مٿين هدايتن تي عمل ڪرڻ سان اميد آهي تہ اوهان جو سفر خوشگوار گذرندو.

جڏهن عرفات جي ميدان ڏانهن روانا ٿيو تہ ضرور ڪا شي يا سينڊوچ کائي ڇڏيو. ائين ئي مذدلفہ وڃڻ کان ۽ شيطان کي پٿريون هڻڻ کان اڳ ڪا شي کائي ڇڏيو. ڪوشش ڪيو تہ بوتلن ۾ بند پاڻي يا چانهن ۽ ڪافي پيئو ڇو تہ انهن ۾ پاڻي اباريل هجڻ جي ڪري جراثيم نہ هوندا آهن. گهڻن ماڻهن جو خيال هوندو آهي جڏهن بہ شگر وڌي ويندي آهي، کين خبر پئجي ويندي آهي، اهو خيال بلڪل غلط آهي. پنهنجي بيماريءَ جو فائل سفر دوران گڏ رکو جيئن بوقت ضرورت ڊاڪٽر کي ڏيکاري سگهجي.

ڊاڪٽر غلام اصغر چنا

# بواسير

## ڪارڻ، بچاءَ جا اپاءَ ۽ علاج

بواسير، جنهن کي موڪا بہ سڏيو ويجي ٿو، هڪ اهڙو مرض آهي، جنهن لاءِ مختلف ماڻهن وٽ مختلف خيالات هوندا آهن. گهڻا ماڻهو هر ان بيماري کي جنهن جو تعلق مخصوص جڳهہ سان هوندو آهي ان کي بواسير چوندا آهن.

ڪجهہ حڪيم وري انهن کي خوني ۽ بادي بواسير ۾ تقسيم ڪندا آهن.

يورپي ملڪن ۽ آمريڪا ۾ اهو اندازو لڳايو ويو آهي تہ چاليهہ سالن جي ۽ ان کان وڏي عمر جا اٽڪل اڻونجاهہ سيڪڙو ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان انهي مرض (يعني بواسير) ۾ مبتلا آهن. اسان جي ملڪ ۾ اهڙو اندازو نہ لڳايو ويو آهي ۽ نہ ئي سائنسي بنيادن تي ڪا اهڙي تحقيقات ڪئي ويئي آهي.

اسان جي تجربي موجب سرجري جي آئوٽ ڊور (O.P.D) ۾ ايندڙ هر ويهون (20) شخص هن مرض ۾ مبتلا آهي.

اسانوٽ ڪجهہ طبيبن هن مرض کي خوني ۽ بادي بواسير ۾ ورهايو آهي، جنهن مطابق پهرين صورت ۾ خون جاري ٿيڻ جي شڪايت ٿئي ٿي ۽ ٻي صورت ۾ وري هر قسم جي تڪليف جنهنجو تعلق هاضمي واري سرشتي سان آهي بادي بواسير سان منسوب ڪئي ويجي ٿي.

**بواسير ڇا آهي، ڇو ٿئي ٿو، بچاءَ لاءِ ڪهڙا اپاءَ ولجن ۽ الجو علاج ڪيئن ٿئي ٿو.**

هيٺ ڏنل اپٽار ۾ مٿين سوالن جو اختصار سان جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

ان کان پهريائين جو انهي مرض کي ۽ انهي مرض مان پيدا ٿيل صورتحال کي سمجهجي، ويهڪ واري جاءِ / مقعد جي بناوت کي سمجهڻ تمام ضروري آهي.

**مقعد جو بنيادي بناوتي اڀياس**
(Basic Anatomy of Analcanal)

مقعد حقيقت ۾ هاضمي واري سرشتي جو آخري هيٺيون ڇيڙو آهي، هي مشڪن جو ٺهيل، گول هڪ يا ٻہ انچ ڊگهو رستو آهي، مٿين ڇيڙي ذريعي هي وڏي آنڊي (Rectum) سان مليل آهي ۽ هيٺين ڇيڙي ذريعي وهڪ واري جڳهہ جي چمڙيءَ جي سطح سان لاڳاپيل آهي.

اهي مشڪون جيڪي وڏي آنڊي سان لاڳاپيل آهن اهي هيٺ گولائي ۾ اچي ڇلي نما شڪل اختيار ڪن ٿيون. انهن کي ٻاهريون مشڪائون ڇلو External Sphincter ۽ اندريون مشڪائون ڇلو Internal Sphincter سڏجي ٿو.

اهي ڇلا (Sphincters) حساس تنتن جي ذريعي دماغ جي ضابطي هيٺ رهن ٿا. انهن ڇلن ۽ مشڪن کي آڪسيجن مهيا ڪرڻ ۽ ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ واپس ڪرڻ لاءِ رت جون نلڪيون ٽن مختلف هنڌن تي داخل ٿين ٿيون انهن ٽن هنڌن تي هي خون جون نلڪيون گڏ ٿي ڇڳن جي شڪل اختيار ڪن ٿيون. انهن کي مقعد جاگدا يعني Anal (Cushions) چيو ويندو آهي.

انسان کي جڏهن غير موزون سماجي حالتن ۾ اجابت جو خيال ايندو آهي تہ اهي مشڪائي مقعدي گدا ۽ ٻيا ڪيترائي عوامل گڏجي اهڙي خيال کي مناسب وقت تائين معطل ڪندا آهن.

اهڙي خيال جي معطلي ۾ مختلف جڳهن تي مختلف دٻاءُ پيدا ٿين ٿا.

هيٺين حصي ۾ گهٽي دٻاءُ ٿيڻ جي ڪري مقعد ۾ موجود شيون وڏي آنڊي ۾ گهٽ دٻاءُ جي طرف هلي وڃن ٿيون.

هيٺين حصي ۾ گهڻو دٻاءُ پيدا ڪرڻ ۾ اندرين ٻاهرين مشڪائي ڇلن کان علاوه مقعدي گدا ۽ ٻيون ڪيتريون ئي مشڪون ڪم اچن ٿيون.

**بواسير خوني ڇو ٿئي ٿو**

مٿي ڏنل بناوتي اڀياس سان معلوم ٿيو تہ تہ خون جي نلڪين جا ٺهيل ڇڳا يا مقعدي گدا (Anal Cushions) هر انسان ۾ موجود هوندا آهن. هيٺ ڏنل سببن جي ڪري اهي گدا مناسب ماپ کان وڏي وڃن ٿا.

**بواسير جا ڪارڻ**

قبض:
Difficulty in Emptying the Rectum

پيٽ جي اندروني دٻاءُ جو وڌڻ
Raised Intera-abdominal Pressure

چوڻڪاري ڏٽي:

ڊاڪٽر شمس سومرو
ايم.بي.بي.ايس.، آر. ايم. پي

# جوناس ايڊورڊ سالڪ

# JONAS EDWARD SALK

## (1995-1915)

### پوليو کان نجات جو سڀ کان پهريون ڪرشماتي ٽڪو ايجاد ڪندڙ - جديد طب جو محسن

جوناس ايڊورڊ سالڪ، لوڪ ڪتا جي حيثيت ماڻيندڙ هڪ اميونولاجسٽ (Immunologist)، جنهن دنيا جي هر ماڻهو کان امر واکاڻ پرائي، پر سندس سائنسي دنيا جي هم مرتبہ ساٿين؛ سندس ڊرامائي طرح ايجاد ڪيل پهرين پوليو وئڪسين جي ڪري، هن تي طعني بازي، ٺٺول ۽ ٽوڪ ڪندي وسان ڪونہ گهٽايو، هو جمعي (23 جون 1995ع) تي دل جي ڪم ڇڏي ڏيڻ ڪري هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، لاڏاڻي وقت سندس عمر 80 ورهيہ هئي (1)

جيتوڻيڪ هو دل جي تڪليف ۾ ڪجھ عرصي کان ورتل رهيو هئو، تنهن هوندي بہ سندس مرتيو غير متوقع هئو.

ڪيس جمعي ڏينهن صبح ڌاري سندس گهر مان ايمبولينس وسيلي اسڪرپس ڪلينڪ واري گرين اسپتال ۾ آندو ويو، جتي هن منجهند ڌاري پنهنجو پويون پساهہ پورو ڪيو. اها ڄاڻ سالڪ جي حياتياتي مطالعي واري اداري جي آفيسرن ڏني، جيڪو هڪ تحقيقي اداري (Salk Institute for Biological Studies) طور هن پاڻ برپا ڪيو هئو.

سالڪ پنهنجا آخرين سال ايڊز وئڪسين ٺاهڻ واري ڪوشش ۾ گذاريا- اهو منصوبو هو پنهنجي ڄمار جي 70 ورهين جي عمر کان اڳ ۾ شروع ڪري نہ سگهيو، پر هو پنهنجي پوئين پساهہ تائين انهيءَ ڪم ۾ ہڌل رهيو."

هو سدائين وانگر تازو توانو، جلويدار ۽ عجيب ماڻهو هئو." ڏکڻ ڪيليفورنيا يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪندڙ ڊاڪٽر اليگزينڊر ليوائين (Dr. Allexandra Levine)، جنهن هڪ تحقيقي پيچيءَ (ساٿياڻيءَ) طور سالڪ جي ايڊز جي تحقيق ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي ساٿس هٿ ونڊايو هئو ۽ سندس مرتئي کان هڪڙو هفتو اڳ ۾ ساٿس ملاقات ڪئي هئي، پنهنجو تاثر بيان ڪندي چيو. سندس چواڻي: "هو ڏاڍو قڙت ۽ زندگيءَ جي ڏک ڏيندڙ شخص هئو."

سالڪ موجوده سڄو نسل جو هيرو هئو، ۽ پنهنجي ڏينهن (ايامڪاري) ۾ هر گهر ۾ ياد رهندڙ نالو رهيو، جنهن کي هر زبان نهايت ٻاچوهہ مان اچاريندي هئي، ملڪن جا سربراهہ - صدر هن جي واکاڻ ڪندي نہ ڍاپندا هئا، ساڻس عقيدت رکڻ وارا دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هن کي خط لکندا هئا. اسڪول جا ٻارڙا سندس پوليو وئڪسين جي تپاس جي ڪري ڪيس ٿورن وارا سينها ۽ ڪارڊ لکندا هئا.

پوليو وئڪسين، جنهن حقيقت ۾ دنيا منجهان هن مرض کي ڌوئي صاف ڪري ڇڏيو. هو جيستائين جيئرو رهيو تہ جتي ويو اتي ماڻهن ڪيس ٻيهڻ جي درخواست ڪندي، ڪين پوليو جي ٻو کان نجات ڏيارڻ ڪري سندس دل کولي ساراهہ ڪئي، واقعي انهن ڏينهن ۾ جيستائين پوليو جو ڪوبہ اثرائتو علاج ڳولي نہ لڌو ويو هئو، پوليو ڪنهن خدائي آفت وانگر ڀو ڏياريندڙ مرض ليکيو ويندو هئو، هوڏانهن پولئي ڪنهن هنڌ منهن ڪڍيو ناهي جو دنيا جي انهي علائقي، خاص ڪري يورپ ۽ آمريڪا ۾ اسڪولن کي تالا لڳي ويندا هئا، ماڻهو هوٽلن، ڪلبن ۽ سماجي تقريبن ۾ وڃڻ ڇڏي ڏيندا هئا- سوئيمنگ پول خشڪ ٿي ويندا هئا، ايئن لڳندو هو ڄڻ جو راڪاس ملڪ ۾ ڪاهي پيو هجي، ماڻهن جو ڄڻ تہ ساهہ نپوڙجي ويندو هئو.

"ڀو کان ڇوٽڪارو" سال 1993ع ڌاري سالڪ لاس اينجلس ٽائمز کي انٽرويو ڏيندي چيو؛ اهو سمورن جذبن کان وڏيڪ سگهارو آهي. مان سدائين فرينڪلن روز ويلٽ (Franklin Roosvelt) کي ياد ڪندو آهيان (ياد رهي تہ آمريڪا جو سڀ کان وڏيڪ طاقتور ماڻهو ۽ ٻي مهاڀاري جنگ ۾ اتحادي فوجن جو سپريم ڪمانڊر صدر روز ويلٽ ننڍي هوندي پاڻ بہ پوليو جي

پوليو کي فتح ڪرڻ ۾ استعمال ڪيو.

1947ع ۾ سالڪ جو خود پنهنجي ليبارٽري ناهڻ جو ارادو ڪر ڪڻ لڳو. انهي ارادي سان هو پٽس برگ يونيورسٽي ڏانهن وڌيو. تنهن کان هڪ سال پوءِ هو سرساميل ٻارڙن جي قومي فائونڊيشن ۾ شامل ٿيو، جنهن کي اڄڪلهہ "مارچ آف ڊائيمس ڪوليو وڃي ٿو، جنهن سائنسدانن جي ڪميٽيءَ کي هڪ ئي وقت پوليو وائرس جي مختلف قسمن، ۽ انهن جي سڃاڻپ جو ڪم سونپيو هئو.

انهي وقت ۾، پوليو هڪ ڊيڄاريندڙ پليگ وانگر ليکيو ويندو هئو، گهڻين ڳالهين ۾ تہ اهو اڄڪلهہ ايڊز سبب پيدا ٿيل خوف کان بہ وڌو خوف هوندو هئو. پوليو جا شڪار ڪيترائي ٻارڙا يا تہ معذور ٿي ويا ٿي يا مري ٿي ويا.

خوف جي اهڙي وايومنڊل ۾، پوليو جو اثرائتو علاج ڳولي لهڻ لاءِ دٻاءُ شديد ٿيندو پئي ويو. 1948ع ۾، جڏهن ايندرس ٽيسٽ ٽيوب ۾ پوليو وائرس کي سنجرائڻ جي تصوير ڪشي ڪئي، سالڪ کي زوردار امڪان نظر آيا. هن اهو ڄاڻي ورتو تہ وائرس جي وڏي پئماني تي پيداوار حاصل ڪرڻ جي اهليت جو مطلب اهو آهي تہ سائنسدان آخرڪار انهي قابل ٿي ويندا جو اهي پوليو وائرس جي ويڪسين ٺاهي سگهن.

هن نهايت ڦڙتيءَ سان ليبارٽري ۾ اهو سامان گڏ ڪري ساڳيو ڪم شروع ڪري ڏنو.

انهن ڏينهين، ويڪسين ٺاهڻ جو معياري فارمولا نالي چڙهيو طريقو -لائيو اٽينوئيٽيڊ ميٿڊ (Live Attenuated Method) هوندو هئو. اها هڪ آزمايل ۽ صحيح ٽيڪنيڪ هئي، جنهن کي فرانسيسي حياتياتي ماهر لوئيس پاسچر (Louis Pasteur) ايجاد ڪيو هئو. هن جي طريقي مطابق ڪمزور قسم جي جيئرن وائرس جي ويڪسين کي مقابلو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هئو. اهو ان تصور هيٺ ڪيو ويندو هئو تہ جيئن جسم ۾ موجود بچاءُ واري موٽ (Immune Response) کي متحرڪ ڪري ان وسيلي جسم ۾ هلڪي قسم جي روڳي اثر داخل ڪري سگهجي ان ڪمزور بيماري جي سبب کي جسم جو سگهارو بچاءُ وارو سرشتو غالب پئي سدائين لاءِ ناس ڪري ڇڏيندو.

تاريخي رڪارڊ اسانکي اهو ڄاڻائي ٿو تہ قدرتي بچاءُ جو اهڙو طريقو يا طريقا 2000 قبل مسيح ڌاري سنڌو ماٿريءَ ۾ پهريون ڀيرو آزمائش هيٺ آيا. جن ۾ ڪنهن روڳي ماڻهو جي پونءَ متاثر ٿيل روڳي حصي منجهان ڪڍي، ڪنهن چڱي ڀلي ماڻهو جي چمڙي ڇلهي ان مٿان رکي ويندي هئي، (1) اهڙو طريقو اڃا سوڌو سنڌ جي پر انهن علائقن خاص ڪري ڪوهستان ۾ جانورن تي آزمايو ويندو آهي (2) ساڳيو طريقو سنڌ مان ٿيندو چين پهتو. اهو ساڳيو طريقو 1717/18ع ڌاري انگلستان جي هڪ اميرزادي وارٽلي مانٽيگو جيڪو تنهن وقت استنبول (ترڪي) ۾ سفير هئو، جي گهر واري ليڊي ميري وارٽلي (Lady Wartley) جي معرفت يورپ ۾ پهتو ۽ 1760ع ڌاري عام ٿي ويو (3).

سالڪ، بهرحال، انهيءَ خيال جو هئو تہ قدرتي بچاءُ (Immune System) جي سرشتي کي ڪوبہ روڳ (داخل ڪرڻ) کانسواءِ بہ متحرڪ ڪري سگهجي ٿو- هن جو انهيءَ ڏس ۾ ويچار اهو هئو تہ وائرس کي غير متحرڪ (Deactivate) ڪري مئل وائرس جي ويڪسين ٺاهي سگهجي ٿي.

ايندرس جي انڪشاف جي ٽن سالن اندر سالڪ پنهنجي پوليو ويڪسين جي محفوظ ابتدائي تپاس جو ڪم (Primary Safty Tests) پٽس برگ ويجهو ڊي واٽسن هوم جي رهواسي معذور ٻارڙن ۾ شروع ڪري ڏنو هئو. سندس هڪ مشهور تصوير (هن اشاعت ۾ شامل) ۾ سالڪ پوليو انجيڪشن پنهنجي پٽ جوناٿن کي هڻي رهيو آهي، جيڪو سندس پهرين گهر واري ڊونا منجهان ڪيس هئو. ساڳي تصوير ۾ ڊونا ڪيس پٽ کي سٽي هٿندي ڏسي رهي آهي (سالڪ کي ٽي پٽ - پيٽر، ڊئريل، جوناٿن هئا- جي اڃا سوڌو حيات آهن ۽ ڊاڪٽر آهن) 1954ع ڌاري، سند دوا جي وڏي پکيڙ ۾ آزمائش (Field Trial) سڄي آمريڪا ۾ ٿيڻ لڳي، جنهن کي پوءِ "سالڪ ويڪسين Salk Vaccine" جو نالو ڏنو ويو. ان رٿا جي تڪميل ۾ مارچ آف ڊائيمس ڏوڪڙن (پئسي) جو سهڪار ڪيو. جنهن ۾ آزمائشي اسم (Subject) طور اسڪولي ٻارڙن تي دوا کي آزمايو ويو، جن کي پوليو جا مهندار (Polio - Pioneers) ڪوليو وڃي ٿو.

اهو هڪ سارامہ جوڳو تجربو (Experiment) هئو، جنهن کي اڄوڪي حفاظتي - خبرداريءَ جي سوچ رکندڙ (Safety Concious) آفيسر شاهي / ڪامورا شاهي ڪنهن بہ صورت ۾ اجازت ڪونہ ڏئي ها- پر تنهن هوندي بہ سالڪ جي ٺاهيل ويڪسين تي ٿيندڙ آزمائشن دوران ڪيترين ئي شڪايتون سامهون آيون. گهڻي ڀاڱي ٻين سائنسدانن

پاران اهو اعتراض اٿاريو ويو ته سالڪ ۽ مارچ آف ڊائيمس ڏاڍو اٻهرو (جلد بازي وارو) ڪم ڪيو آهي، ۽ اهو ته سالڪ کي دوا جي حفاظتي انگن اکرن (Safety - Data) جو وچور طبي علمي رسالن ۾ ڇپائڻ گهربو هئو ته جيئن سائنسدان انهن تي ويچار ڪري سگهن ها.

پر سالڪ جي زور ڏيڻ تي، اپريل جي 12 تاريخ 1955ع جو اٽڪل صبح جو 10 لڳي 20 منٽن تي، دنيا ۾ هڪ بليٽن وسيلي اها خبر جاري ڪئي وئي، جنهن ايسوسيئيٽيڊ پريس جي ذريعي، دنيا کي ٻهريون پيرو ڄاڻايو: "سالڪ پوليو ويڪسين محفوظ، اثرائتي ۽ سگهاري دوا آهي، جنهن جو اڄ اعلان ڪيو ويو."

The Salk - Polio - Vaccine is safe, effective, and potent, It was announced today."

سالڪ ڏسندي ڏسندي اک ڇنڀ ۾ هڪڙو هيرو ٿي پيو. انهي ڏينهن تي رات جو، مشهور صحافي ايڊورڊ. آر. مرو EDWARD - R - MURROW جو گهڻائي ۾ ڏٺو ويندڙ پروگرام، جنهن کي مرو جو اکين ڏٺو سڌوسنئون نشر ٿيندڙ پروگرام - هن وقت ڏسو "SEE IT NOW" - ذريعي انٽرويو ورتو ويو. انهيءَ انٽرويو ۾ مرو سالڪ سان گفتگو ڪندي ڪانٽس ٻين ڳالهين سان گڏ اهو پڇيو: "هن ويڪسين جي پيٽنٽ (Patent) (حق ۽ واسطن جو قانوني طرح) جو مالڪ ڪير آهي؟". "درست." سالڪ وراڻيو: "عوام، آءٌ اهوئي چوندس- عوام ڪانسواءِ هن تي ڪنهن جو حق ۽ واسطو ڪونهي ڪو، ڇا توهان سج تي به ڪي حق ۽ واسطا ماڻي سگهو ٿا؟"

اها حقيقت آهي، سالڪ هن ويڪسين منجهان هڪ دمڙي (پئسو) به ڪونه ناهي يا ميڙي- پر سارا هه ۽ هاڪ جنهن ۾ هو ويڙهجي چڪو هئو، هن لاءِ سندس همعصر سائنسدانن پاران وير ۽ دشمني پرائڻ جو بندوبست ڪري وڌو.

1993ع ۾، هو مرو سان 12 اپريل 1955ع واري گڏجاڻي ۾ سندس گفتگو ياد ڪندي، اهو به ياد ڪرڻ لڳو ته انهن ڏينهن ڪانوني سندس زندگيءَ ۾ ڪهڙي تبديلي اچي وئي: "ذهن ۾ ڇا ٿو اچي." هن ڳالهه کي اڳتي وڌايو: "اهوئي جيڪو 12 اپريل 1995ع ۾ ايڊورڊ آر. مرو شام جو مون کي چيو هئو، جيڪو وقت بوقت هڪ قول وانگر (Quotation) ورجايو ويندو آهي. هن (مرو) چيو هئو: "نوجوان تو مٿان - هاڻي هڪ الميو ٿي ڪڙڪيو آهي. تون پنهنجي اڃاتل شخص واري حيثيت وڃائي ويٺو آهين." نيڪ آهي، توهان ان ٽريجڊي يا الميءَ جي فطرت ڏسي سگهو ٿا. منهنجي هڪ شخصيت طور مشهوري ٿي وئي آهي. ان جي ابتڙ، جيڪا سائنس جي ميدان ۾ موجود هڪ شخص جي لاءِ فرض ڪئي وڃي ٿي."

1961ع ڌاري سالڪ پوليو ويڪسين، پوليو جي مرض ڪري ٿيندڙ واقعن کي 95 سيڪڙي تائين گهٽائي ڇڏيو. لڳ ڀڳ 300,000 تائين ڪتيل ڪيسن کي هن موذي مرض کان بچايو ويو. ان ساڳئي سال (1961) ۾ آمريڪي حڪومت روايتي زنده وائرس منجهان جوڙيل ويڪسين جي پيداوار جو لائيسنس جاري ڪيو، جنهن کي سئبن (Sabin) ناهي پڌرو ڪيو هئو. سئبن جي وات رستي پياري ويندڙ ويڪسين جلدئي، سالڪ جي انجيڪشن ذريعي ڏني ويندڙ ويڪسين کي جڻ ته پاڙئون پٽي ڇڏيو ۽ هاڻي اڪيلي اهائي دوا استعمال ۾ آهي.

سئبن جي ويڪسين جي موجودگي، سالڪ جي لاءِ هڪ چيندڙ ڪنڊو ثابت ٿي. سئبن کي گهڻي عرصي کان اها شڪايت هئي ته سالڪ جي نهوڙيل وائرس انجيڪشن منجهان ايتري اثرائتي ۽ گهڻ مدي واري (Long Lasting) اميونٽي يا قدرتي بچاءُ- جيتري جاڳندي وائرس ويڪسين جي پيٽ ۾، حاصل ڪري نٿي سگهجي.

سالڪ ان جي جواب ۾ دليل ڏيندي چيو ته سئبن ويڪسين هاڃيڪار آهي، جو ته جيئرا وائرس، حقيقت ۾ پوليو ڪيسز پيدا ڪن ٿا. اهو ڪٿيو ويو آهي ته آمريڪا ۾ ڏهه لک ماڻهن منجهان چار ماڻهو پوليو ۾ ورتل هوندا آهن ۽ گهڻي ڀاڱي انهن ڇئن ماڻهن مان سيئي سئبن جي ويڪسين منجهان ورتل ٿيندا آهن.

وقت جي ڳالهه آهي جو سئبن جي ويڪسين کي لائيسنس ڏنو ويو، تنهن هوندي به، سالڪ لاجولا ڏانهن وڌيو. 1962ع ۾، مارچ آف ڊائيمس جي تمام وڏي فنڊ واري پئسي منجهان هو سالڪ انسٽيٽيوٽ ناهي، ميدان ماري ويو، جو ته انهن ڪانپوءِ ايندڙ سالن تائين اها ٻهرين تجربيگاهه هئي.

سالڪ جي دوانديش نگاهه ۾ سندس ادارا اهو ماڳ هئو جتي سائنسدان پنهنجي دلچسپي کي جاري رکي سگهن، بنان ڪنهن رنڊ روڪ جي. "سائنس جو عبادتگاهه" هڪ ڀيري هن پنهنجي انسٽيٽيوٽ بابت گفتگو ڪندي چيو هئو.

# خانداني منصوبه بندي جا ڄڀ روڪ طريقا

نور محمد ميمڻ

**انجيڪٽيبل جو تعارف**

هيءُ خانداني منصوبه بندي جو نيون طريقو آهي جنهن جو پڻ هارمونل گروپ جي ڄمر روڪ طريقي سان لاڳاپو آهي هن کي DMPA /Deprovera چئبو آهي. هيءُ هڪ پاڻياٺي محلول آهي جنهن کي مهيني ۾ صرف هڪ دفعو عورت جي جسم ۾ داخل ڪيو ويندو آهي. هن جي بناوٽ ۾ پڻ پروجيسٽرون ۽ اسٽروجن شامل ڪيا ويا آهن جنهن ڪري بيضي داڻين جي ڪارڪردگي متاثر ٿئي ٿي ۽ ڪو به بيضو تيار ٿي نٿو سگهي جنهن ڪري باوجود عورت ۽ مرد جي ميلاپ جي مرداڻي تخمي جيو کي عورت جو بيضو صحيح حالت ۾ صحيح مقام تي ڪونه ٿو ملي ۽ ٻار پيدا ٿيڻ جو امڪان ختم ٿيو وڃي- ڇاڪاڻ ته جيستائين عورت جي بيضي کي مرد جو تخمي جيو نه ملندو ۽ آنو نه ڀڪبو ته ٻار پيدا ڪرڻ وارو سيل ئي تيار ڪونه ٿيندو ۽ ٻار ڪونه ڄمندو- علاوه ازين عورت جي ٻچه دانيءَ ۾ هڪ قدرتي پاٿيٽ تيار ٿيندي آهي جيڪا ٻچيدانيءَ جي منهن اندر لنگهي ايندڙ تخم جيون کي رحم اندر ۽ اووي ڊڪٽ (Oviduct) نالي ڏانهن وڌڻ ۾ مدد ڏيندي جيئن ته اها پاٿيٽ سنئي لڳڻ سان سخت مادي ۾ تبديل ٿي ويندي آهي تنهن ڪري ٻچي دانيءَ جي منهن اندر تخم جيو داخل نه ٿي سگهندا آهن ۽ ٻار پيدا ٿيڻ جا سمورا امڪان ختم ٿي ويندا آهن ڇو ته ٻار پيدا ٿيڻ لاءِ ڀرپور مرداڻي تخمي جيون جو بيضي جي نالي تائين پهچڻ ضروري آهي جتي بيضو ۽ تخمي جيو پاڻ ۾ ملن ٿا پر جيئن ته بيضي داني جو منهن جو جيڪو هڪڙو ئي رستو آهي، تخمي جيون لاءِ جڏهن اهو رستو بند ٿي وڃي ٿو ۽ سمورا تخمي جيو يوني يا رستي ماديءَ ۾ ئي ختم ٿي وڃن.

هي انجيڪشنون دُنيا جي اندازً 90 ملڪن ۾ محدود پيماني ۾ زير استعمال آهن ۽ هڪ اندازي مطابق اٽڪل 80 لک عورتون هن مان فائدو حاصل ڪري ۽ خانداني منصوبه بنديءَ جي جديد طريقي مان لاڀ حاصل ڪن ٿيون.

**"انجيڪٽيبل عورت جي جسم ۾ ڪيئن ٿي ڪم ڪري"**

هيءَ سئي ديرپا اثر ڪندڙ ۽ آهستي آهستي خارج ٿيندڙ پروجيسٽن جو مادو عورت جي جسم اندر داخل ڪري ٿي جنهن جو ڀرپور ڪم آهي ته ٻنهي بيضي دانين بيضن کي ڪچو رکي ٿي ۽ ڪنهن نه ڪنهن بيضي داني مان بيضو پڄي راس ٿي ٻاهر نڪرڻ واري نظام جي پنهنجي فطري ڪارڪردگي ۾ خلل پيدا ڪري ٿي ڇو ته نه بيضو پڄي راس ٿئي ٿو ۽ نه بيضي دانين مان نڪري مرد جي تخمي جيو سان ملي ٻوڪجي ٿو.

ٻئي طرف ٻچي داني جي منهن ۾ موجوده پاٿيٽ کي سخت مادي ۾ تبديل ڪري ٿي جو تخمي جيو جو ٻچي دانيءَ ۾ داخل ٿيڻ ئي ناممڪن ٿيو وڃي ۽ ڪن حالتن ۾ وري تخمي جيو کي ئي اهڙو ته ڪمزور ڪري ٿي جو هن جي ٻار پيدا ڪرڻ واري صلاحيت ئي ختم ٿيو وڃي اهڙي طرح هيءَ سئي ڄمر روڪ دوا طور ڪم ڪري ٿي. هن سئيءَ جي استعمال ڪندڙ عورتن کي مشورو آهي ته هو هر ٽئين مهيني DMPA جي 150 ملي گرام واري سئي لڳرائين ۽ هر ٻئي مهيني NET - EN واري 200 ملي گرام واري سئي لڳرائين ۽ وقت به وقت ويجهي پاپوليشن سينٽر جي انچارج سان لهه وچڙ ۾ رهن.

**"انجيڪٽيبل جي ناڪاميءَ جو تخمينو":**

هن انجيڪشن ذريعي ڄمر روڪ فائدو وٺڻ هڪ بي حد ڪامياب طريقو سمجهيو وڃي ٿو تنهن هوندي به نموني طور هن طريقي کي استعمال ڪندڙ عورتن جي سروي منجهان اهين معلوم ٿيو آهي ته ٻهرئين سال انجيڪشن استعمال ڪندڙن ۾ سؤ ڪسين مان هڪ ڪيس ناڪامي رڪارڊ ڪئي وئي آهي معنيٰ سئو عورتن مان هڪ عورت کي ٻار ٿي ويو آهي- گهڻو ڪري اهو نتيجو به آتي نڪتو آهي جتي سئي هڻائڻ ۾ بي قاعدگي ٿي آهي يوءِ اها ٽائيم جي بي قاعدگي هجي يا گهربل مقدار جي هجي مثلاً جتي 150 ملي گرام جي سئي هڻڻ گهرجي اها گهٽ يا وڌ هجي وغيره.

**"انجيڪٽيبل لڳرائڻ جا فائدا"**

انجيڪٽيبل هڪ تمام ڪامياب آسان ۽ قابل اعتماد ڄمر روڪ جو طريقو آهي جنهن جا مکيه فائدا هيٺ ڏجن ٿا هڪ ته تمام مؤثر صاف سٿرو ۽ جديد طريقو آهي ٻيو ته وڏي عرصي تائين ڪم ايندڙ ۽ نهايت ئي آسان طريقو آهي ٽيون، هي سئي نهايت ئي آسانيءَ سان ملي سگهي ٿي. هن طريقي ۾ مجامعت وقت استعمال يا هر دفعي استعمال يا ڪنهن به اهڙي احتياط جي ڪابه ضرورت ڪانهي، جوڙو اهڙين پريشانين کان آجو رهي جنسي لذت ماڻي ٿو.

اسان جي ملڪ جهڙن ملڪن ۾ جتي

فيصلا گهڻو ڪري مردن کي ڪرڻا پون ٿا اتي عورت کي ٻار جي پيدائش ۾ وقفي لاءِ پنهن جي گهر واري جي رضامندي تمام ضروري آهي هڪ ته اولاد ماءُ پيءُ يعني زال ۽ مڙس جي گڏيل ڪوشش سان ٿئي ٿو ۽ ٻار پالڻ جي ذميداري به گڏيل هوندي آهي پر مڙس جي ذميداري ويتر جهجي هن ڳالهه ڪري به آهي جو ڪفالت، تعليم، روزگار ۽ شادي وغيره ۾ پيءُ جو رول نسبتاً عورت کان وڌيڪ آهي اهڙي معاشري ۾ مڙس کان اجازت وٺڻ انتهائي ضروري به آهي ۽ هن جو حق پڻ آهي ۽ ڪي اهڙا طريقا جيئن کائڻ جي گوري اورل پل - گجيءَ واري گولي يا فوم ڊيورا فوم- يا رٻڙ جي غلاف جو استعمال مرد کان ڳجهو نه ٿو رهي اهڙيءَ صورت ۾ عورت جو پنهنجي مڙس سان صلاح نه ڪرڻ اجازت نه وٺڻ ازدواجي زندگي ۾ ڪيترا مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿو- پر انجيڪٽيبل هڪ اهڙي سئي آهي جيڪا عورت ڪنهن خاص ماحول يا ملڪ ۾ مرد کان اجازت وٺڻ کانسواءِ به لڳرائي سگهي ٿي ۽ هن جو پڙدو رهجي پوي ٿو. ڇاڪاڻ ته عورت بعض حالتن ۾ وڌيڪ زميدار، حساس آهي ۽ پنهنجين زنانين حالتن کي مرد کان وڌيڪ بهتر سمجهي ٿي. اسان جهڙي ملڪن ۾ ڪي اهڙا به غير زميدار مرد آهن جيڪي ڪجهه سبب ڪري گهر جي زميداري نه نڀائيندا آهن اهڙين حالتن ۾ ڪفالت جو ذمو به ويچاري ماءُ تي اچي ٿو. جيڪا مشرقي روايتن ڪري مڙس سان به وفادار آهي ۽ مڙس نڪمي هئڻ ڪرڻ ٻچن جو پيٽ به پالي ٿي اهڙي عورت کي هيءَ سئي هڪ بهترين تحفظ ڏئي ٿي.

حقيقت ۾ مردن کي گهرجي ته ٻار پيدا ڪرڻ جي معاملي ۾ جيئن ته عورت جو هڪ وڏو حصو آهي ان ڪري هن جي صلاح يا خيال کي به وڏي اهميت ڏين.

علاوه ازين هن سئي جو ٻيو به هڪ خاص فائدو آهي ته هن طريقي جي حمل روڪ سئي لڳرائڻ کانپوءِ ماءُ جي ٿڃن جو کير به ڪونه ٿو گهٽجي ۽ اوتروئي اچي ٿو جنهن ڪري ٻار جي ساڳي غذا به قائم رهي ٿي ۽ هن جي صحت تي ڪوبه اثر ڪونه ٿو پوي جڏهن ڪجهه ٻين طريقن سان کير گهٽيو وڃي.

هڪ ٻيو فائدو جنهن جي هر ماڻهو کي خبر ڪانهي اهو هي آهي ته عورت ۾ ڪن سببن ڪري رت جي ڪمي پيدا ٿئي ٿي جنهن ڪري هوءَ ڪمزور ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ بيمارن وانگر هر وقت گهر ۾ پئي رهي ٿي اهڙي ڪيفيت ۾ انجيڪٽيبل اهڙي ڪمزوري يعني Anemia کي گهٽائڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. اهڙي طرح بطور مجموعي ڏسبو ته هيءَ سئي نه صرف حمل روڪ پر دوا طور ڪم اچي ٿي. روز روز جو استعمال به انسان کي بيزار ڪري ٿو ان بيزاريءَ کان بچائي ٿي راز دارانا استعمال وارو طريقو به آهي ٻار جو کير به نٿو گهٽ ٿئي ۽ زنانه جسماني ڪمزوري کان به نجات ڏيارڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. يعني هيءَ طريقو نه صرف حمل روڪ جو هڪ مؤثر ذريعو آهي پر عورت جو علاج پڻ آهي سو ان طريقي مان اسان جي ٻوٺائين يا شهري عورتن کي لاڀ حاصل ڪرڻ گهرجي.

**انجيڪٽيبل جا نقصان - يا تڪليفون:**

خانداني منصوبه بندي جي ٻين طريقن وانگر هن طريقي ۾ به ڪيترا نقصان ۽ تڪليفون آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا صرف ان لاءِ ته استعمال ڪندڙ عورت هر چڱي ۽ مندي ڳالهه کان واقف هجي ۽ انجيڪٽيبل استعمال ڪندي اهڙين ڳالهين لاءِ ذهني طور تيار هجي. ٻي صورت ۾ هو سيني طريقن کان منحرف ٿي ويندي ۽ پوري خانداني منصوبه بندي جي نظام جي خلاف ڳالهائيندي جيڪو بلڪل خراب رويو آهي.

1- هن طريقي استعمال ڪندڙ عورت کي بار بار چڪاس وغيره لاءِ ڪلينڪ اسپتال يا خانداني منصوبه بندي جي مرڪز تي وڃڻو پوندو.

2- هن لاءِ باقاعدي انجيڪشن ملڻ جو بندوبست هجي جو سئي وقت تي نه ملي ته فائدو نه ٿيندو، نه صرف ايترو پر سئي جو وقت تي لڳڻ به ضروري آهي.

3- جيئن ته هيءَ طريقو وقتي ۽ غير مستقل آهي سو ڪجهه سالن جي وقفي کان پوءِ جيڪڏهن جوڙو وري ٻار پيدا ڪرڻ چاهي ٿو ته ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت موٽڻ ۾ ڪافي عرصو لڳيو وڃي مثلاً 6-7 مهينا ۽ ڪن حالتن ۾ پورو پورو سال به لڳي ٿو ۽ جوڙو مايوس ٿيڻ لڳي ته ڪٿي عورت ٻار پيدا ڪرڻ واري قوت وڃائي ته نه ويٺي آهي پر مايوس ٿيڻ جي ڪابه ڳالهه ڪانهي.

4- ماهواري واري نظام ڪجهه بي قاعدگي پهرين سال ۾ ٿيندي آهي ڪڏهن ڪڏهن بي قاعده رت اچڻ لڳي ٿو جيڪو پڻ ماهواريءَ جي بي قاعدگي جو حصو آهي.

5- پهرين سال استعمال ۾ ڪي ٻيون تڪليفون پڻ ٿين ٿيون مثلاً مٿي ۾ سُور، وزن جسم جو وڌڻ، نهائيءَ يا نرن ۾ هلڪو هلڪو سُور ۽ ڪڏهن ڪڏهن ماهواري اچڻ دوارن پڻ سُور ٿئي ٿو.

مجموعي طور باوجود ننڍين ننڍين تڪليفن جي هيءَ هڪ بهترين ڳڀ روڪ طريقو آهي ۽ هر دفعي ملڻ وقت دوا جو استعمال يا هر روز جي دوا جي استعمال کان بچائي ٿو. هي بلڪل آسان ۽ سادو طريقو آهي هنن ڳالهين کان واقفيت ڏيڻ جو مقصد صرف اهو آهي ته عورت کي پوري پوري ڄاڻ هجي ۽ پاڻ فيصلو ڪري ته ٻار پيدا ڪرڻ واري تڪليف يا ان کان پوءِ ٻار جي سار سنڀال واري پريشانيءَ کان بهتر آهي ته ننڍيون ننڍيون تڪليفون سهي پنهنجو خوشحاليءَ جو مقصد حاصل ڪن ۽ ملڪ قوم جي ترقيءَ ۾ هٿ ونڊائين.

**انجيڪٽيبل سئي لڳرائيندڙ عورتن لاءِ سلامتي جا اشارا ۽ ممڪن خدشات لاءِ تنبيهي نڪتا:**

هن سٽيءَ جي استعمال ڪندڙ چند عورتن ۾ ڪي اهڙيون علامتون پڻ ظاهر ٿيون آهن جنهن مان عورتن کي پيچ داني، آرهه يا ڇاتيءَ ۾ ڪينسر ٿيڻ جو خدشو محسوس ڪيو ويو آهي ۽ اوچتو رت اچڻ شروع ٿيو وڃي. ان حالتن کان دل شڪست نه ٿيڻ گهرجي جو ماهانه نظام ۾ ٿوري گهڻي ڦيرڦار ته ضرور ٿيندي جو اسٽروجن جو محلول جيڪو بيضي دانيءَ جي نظام تي ڪنٽرول ڪري ٿو ان جا اثرات جسم جي ٻين حصن تي پوندا جيڪي وقتي هوندا آهن.

ٻئي طرف هيسٽائين جيڪي تحقيقون يا ڪوجنائون انساني جسم تي ٿيون آهن انهن مان اهو ڪڏهن به ثابت نه ٿيو آهي ته اسٽروجن محلول جو استعمال ڪو ڪينسر جو باعث بڻجي سگهي ٿو- جو اهو محلول ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ ٻڄ روڪ جي هر طريقي ۾ موجود هوندو آهي مٿي ڄاڻايل عورتن ۾ علامتون جيڪي محسوس ڪيون ويون آهن سي ڪن ٻين سببن ڪري به ٿي سگهن ٿيون جو جو ڪينسر وارن مريضن کي ڏسبو ته ڪوبه ورلي ڄمر روڪ دوائون استعمال ڪندو هوندو بلڪ گهڻو ڪري هو ٻين ڪارڻن جهڙوڪ سگريٽ وغيره جي ڪري مرض ۾ مبتلا هوندا آهن.

تنهن هوندي به انجيڪٽيبل سٽي لڳارائڻ وارين عورتن کي اهو تاڪيد ٿو ڪجي ته شديد رت اچڻ گهڻي مٿي جي سور ۽ چڪر اچڻ جي صورت ۾ ڪلينڪ تي وڃي پنهنجي چڪاس ڪرائين.

**انجيڪٽيبل جي استعمال ۾ غير ضروري رڪاوٽون:**

انجيڪٽيبل جيٽوٽيڪ ٻڄ روڪ جوتمام سنو ۽ ڪارائتو طريقو آهي تنهن هوندي ڪيترن ملڪن جهڙوڪ آمريڪا ۾ هن سٽيءَ کي منع ٿيل يا ڄمر روڪ جي طريقن ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه ٻين مرضن لاءِ تجويز ڪئي ويندي آهي جيئن ته ٻڄ روڪ جي طريقي طور هن سٽي کي آمريڪا ۾ سڃاتو نٿو وڃي تنهن ڪري هن جي استعمال ۾ جهجهڪ محسوس ڪئي وڃي ٿي بهرحال پاڪستان ۾ هيءَ هڪ بهترين طريقو آهي ۽ خانداني منصوبه بندي ڪلينڪ ڪان حاصل ڪري سگهجي ٿي.

ان ڪان علاوه انتهائي محدود طريقي سان تمام ٿوري انداز ۾ هي سيون ميسر آهن-

ٻين ملڪن ۾ هي سيون صرف انهن عورتن کي لڳايون وڃن ٿيون جن کي هڪ يا 2 ٻار آهن وڌيڪ ٻارن واري عورت کي نه ڏنيون وينديون آهن جو تحقيق صرف نوجوان عورتن تي ڪئي وڃي ٿي جو ته ڊگهي عرصي لاءِ عورت جي زرخيزي- يا ٻار آوري يعني ٻارن ڄڻڻ جي صلاحيت کي گهٽائڻ لاءِ هي سيون ڪتب آڻجن ٿيون پاڪستان ۾ جيئن عورت جي زرخيزي دنيا جي گهڻن ملڪن ڪان وڌيڪ خاص طور سيني پاڙي واري ملڪن ڪان وڌيڪ آهي. مثلاً پاڪستان جي عورت جي زرخيزي 6.5 آهي جڏهن ته بنگلاديش جي ۽ جپان جي 1.5 آهي ٻار ڄڻڻ جي زرخيزي عورت جي ڪل شادي شده زندگي جيڪا 14 سالن ڪان 49 سالن تائين رهي ٿي ان ۾ پاڪستان عورت سراسري طور تي 6.5 ٻار ڄڻڻ جي طاقت رکي ٿي. جڏهن ته جپاني عورت ان پوري عرصي ۾ سراسري طور 1.5 ٻار ڄڻي ٿي جنهن ڪري اتي آباديءَ جو مسئلو ڪونهي.

ان ڪانسواءِ انجيڪٽيبل جي استعمال ۾ ٽيڪنيڪل رڪاوٽون به آهن جيئن ته ڪن ملڪن ۾ هيءَ سٽي ڊاڪٽر جي صلاح ڪانسواءِ نه ٿي لڳائي وڃي ۽ ڪن ملڪن ۾ ليبارٽري ٽيسٽون ڪرايون وڃن ٿيون ۽ ڪٿي ڪٿي نرن ۽ نهائي جي چڪاس ڪانسواءِ هي سٽي نه لڳائيندا آهن- تنهن ڪري هن ڄمر روڪ طريقي جو استعمال بلڪل محدود ٿي رهيو آهي- جڏهن ته اسان جي ملڪ ۾ اهڙي ڪابه رڪاوٽ ڪانهي ۽ خانداني منصوبه بندي جي ڪلينڪ واري چڪاس ۾ هر ڳالهه جي خبر وٺي پوءِ سٽي لڳائي وڃي ٿي.

**انجيڪٽيبل سٽي استعمال لاءِ مشورا:**

هڪ ته سٽي لڳارائيندڙ عورت کي تمام حقيقتن ڪان آگاهه ڪرڻ چڱي طرح سمجهائڻ گهرجي ۽ هن کي راضي ڪري پوءِ انجيڪٽيبل ڏجي ۽ هن کي ٻڌائجي ته ماهواري جي سرشتي ۾ ڪا تبديلي اچي سگهي ٿي تنهن ڪري اهڙي عورت ڪنهن به بي قاعدگيءَ يا تڪليف جي صورت ۾ چڪاس ڪرائيندي رهي تنهن ڪانسواءِ سٽي به پوري وقت تي لڳارائي جو ڄمر روڪ دوائن استعمال ڪرڻ ۾ ٽائيم جي پابندي تمام ضروري هوندي آهي.

پهرين سٽي ماهواريءَ ڪانپوءِ پهرين 5 ڏينهن اندر لڳارائجي جيئن ٻار نه ٿيڻ جي پڪ ٿئي ورنه انجيڪٽيبل سٽي لڳارائڻ اجائي ٿي ويندي. جيڪڏهن اهڙي عورت کي ماهواري گهٽي يا گهٽي وقت تائين اچي ته ممڪن آهي ته هن کي اينيميا هجي ان لاءِ اپاءَ وٺڻ گهرجن.

سال ۾ هڪ دفعو اهڙي عورت کي پنهنجي ڊاڪٽر کي ضرور ڏيکارڻ گهرجي نه ته به خانداني منصوبه بندي جي ڪلينڪ تي ضرور چڪاس ڪرائي ته جيئن آئينده سال لاءِ ڪوبه بهتر مشورو حاصل ڪري پوءِ اهو ساڳي سٽي جاري رکڻ لاءِ هجي يا طريقو تبديل ڪرڻ جو ڪو مشورو ملي.

# انساني هنسجي تي انسانيت جي مهندار نبي ڪريم (صلعم) جا احسان

ڊاڪٽر محمد عبدالغني ميمڻ

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم انسانذات لاءِ رحمة العالمين بڻجي آيا. پاڻ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پنهنجي ساٿين جي تربيت ڪيائون ته جيئن زمين تي آئنده ايندڙ نسل کي به اهڙي ترتيب جي فيض سان رحمت ۽ شفقت ملندي رهي. انسان لاءِ روحاني صحت سان گڏوگڏ جسماني صحت جو هئڻ به ضروري آهي. اهوئي سبب آهي جو پاڻ ڪريم جن روحاني تربيت سان گڏ جسماني صحت لاءِ به گهڻو زور ڏنو پاڻ پيشه ور حڪيم ۽ طبيب نه هيا پر پوءِ به پاڻ علم طب جا ڪجهه اهڙا بنيادي اصول دنيا وارن کي ٻڌائي ويا جو جيڪڏهن اتهن تي عمل ڪيو وڃي ته رهندي دنيا تائين انسان ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا.

**مرض جي باري ۾ اسلام جو فلسفو:**

عام طور تي بيماري، ڏکَ ۽ تڪليف کي مصيبت سمجهيو ويندو آهي ۽ انسان پريشان ٿي غلط حرڪتون ڪرڻ لڳندو آهي جيڪي اسلام ۾ اڻ وڻندڙ آهن. اسلام جي زندگي بابت فلسفي مطابق هر تڪليف الله تعاليٰ طرفان هوندي آهي ۽ مسلمان جو ستان هي آهي ته هو مرض جو انتهائي صبر ۽ شڪر سان مقابلو ڪري ۽ الله تعاليٰ مان شفا جي اميد رکي. بيماري مصيبت نه پر اسان جي گناهن جو ڪفارو بڻجي ٿي. خيرالبشر جن فرمايو "بيشڪ الله تعاليٰ مومن جون سڀ خطائون هڪ رات جي بخار ۾ معاف ڪري ٿو". پاڻ فرمايائون بخار گناهن کان ائين پاڪ ڪري ٿو جيئن باهه لوهه جي زنگ کي مٽائي ٿي. بيماري هڪ طرح جي نعمت آهي ان سان خطائون معاف ٿين ٿيون. هڪ طرف انسان جي اندر عاجزي انڪساري خدا ۽ آخرت جو خوف پيدا ٿئي ٿو ته ٻئي طرف وري ٻئي جي تڪليف ۽ غم جو احساس انسان جي ضمير کي جاڳائي ٿو.

**علاج جو فلسفو:**

رحمة العالمين جن علاج کي برحق چيو آهي پاڻ پنهنجن مريضن کي وقت جي حڪيمن وٽ موڪليندا هيا. پاڻ سائين جن جي آخري بيماريءَ ۾ مديني جا حڪيم اچي دوا ڏيندا هيا. هڪ دفعي حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي مجلس ۾ هڪ ماڻهو سوال ڪيو "ڇا تقدير جي معاملي ۾ دوا فائديمند آهي؟" پاڻ جواب ڏنائون ته "دوا به ته تقدير الاهي آهي". اها جنهن کي چاهي فائدو ڏئي. پاڻ هڪ دفعي فرمايائون ته "الله تعاليٰ ڪا اهڙي بيماري پيدا نه ڪئي آهي جنهن جو علاج نه هجي" هيءَ حديث تحقيق (ريسرچ) جا نوان رستا ٻڌائي ٿي، پري جو وڃون هن صدي جي شروع تائين جراثيم ڪش دوائن Anti-Boitics جو وجود ئي نه هيو. اهڙين بيمارين ڪري لاتعداد ماڻهو مري ويندا هيا. ماتا، نمونيا ۽ ٽائيفائيڊ جهڙين بيمارين جو شمار خطرناڪ بيمارين ۾ ٿيندو هيو. هي بيماريون هاڻي قابل علاج آهن بلڪه ماتا ته هن دنيا مان بلڪل ختم ٿي وئي آهي. ٽي بي. جهڙي بيماري لاءِ هاڻي صرف ڪجهه مهينا علاج آهي. اهڙي طرح ڪجهه سال اڳ ڪينسر لاعلاج مرض سمجهيو ويندو هيو اڄ ان لاءِ مناسب علاج موجود آهي، جيئن ئي ڪا نئين بيماري ظاهر (Diagnosis) ٿئي ٿي تحقيقاتي ادارا ان جي علاج ڳولهڻ ۾ لڳي وڃن ٿا ۽ اهڙي طرح الله جي سچي رسول جو اهو چوڻ صحيح ثابت ٿئي ٿو ته هر بيماريءَ جو علاج آهي. يقيناً ايڊز AIDS جو علاج به هوندو پر جيستائين سائنسدان ان جو علاج ڳولهين.

**علاج ۽ دعا جو فلسفو:**

رحمة العالمين جن فرمايو ته دوا سان گڏ هميشه دعا به گهرندا ڪيو ۽ الله تعاليٰ جڏهن شفا جي دعا قبول ڪري ته دوا به الله جي حڪم سان پنهنجو اثر ڏيکاري ٿي. خود مريض جي دعا ٻين لاءِ مقبول ٿئي ٿي. پاڻ فرمايائون ته جڏهن به توهان ڪنهن مريض وٽ وڃو ته ان کان پنهنجي حق ۾ دعا گهرايو ڇو ته هن جي دعا ائين آهي جيئن ملائڪ جي دعا.

**صحت جي حفاظت ۽ نبوي حڪم:**

"پرهيز علاج کان بهتر آهي" اڄ سڄي دنيا جا ميڊيڪل ادارا ائين چئي رهيا

آهن ۽ هر ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڪميونٽي ميڊيسن جي نالي سان هڪ شعبو قائم آهي. سڄي دنيا ۾ لکين ڊالرن ڪم تي خرچ ٿي رهيا آهن ۽ ڪوشش اها ڪئي وڃي ٿي پرهيز ۽ احتياط ڪان ڪم وٺي بيمارين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪجي.

آقاء دوجهان اڄ کان چوڏهن سئو سالن اڳ ڪجهه اهڙا سنهري اصول ٻڌايا جو اهي اڄ جي سائنسي دنيا لاءِ ڪم ڏئي سگهن ٿا ۽ جيڪڏهن انهن تي عمل ڪجي ته بيماري کان بچي سگهجي ٿو.

انسان جسم تي کل جي اهميت سيني اندروني عضون لاءِ حفاظتي بند جهڙي آهي ان تي ڪو زخم وغيره يا اس، سردي ۽ گرمي جا اثر اندرين عضون کي متاثر ڪن ٿا. الله تعاليٰ کل جي بناوت اهڙي ٺاهي آهي جو ان تي سيل جا هڪ يا ٻه تهه نه آهن پر گهڻا تهه ٿين ٿا ۽ ان کي ميڊيڪل جي زبان ۾ Stratified Squamous Epithelium چون ٿا. پاڻ سائنسجن عام زندگي ۾ جيڪي هدايتون ڏنيون آهن انهن ۾ هي به آهي ته "پاڪيزگي ايمان جو حصو آهي". "پاڪيزگي اڌ ايمان آهي" جسم کي هر وقت صاف رکڻ، تڙ ڪرڻ ۽ صاف ڪپڙا پائڻ سان جسم تي موجود جراثيم جهڙوڪ Streptococcus, Staphylococcus هٽي وڃن ٿا ۽ کل صاف رهي ٿي. اهڙن جيوڙن جي موجودگي مسلسل خطرو آهي جيئن ئي صفائي سترائي ۾ گهٽتائي ٿي هي جراثيم پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪن ٿا ۽ گهٽيون ئي چمڙيءَ ۽ ٻين عضون جون بيماريون ظاهر ٿين ٿيون. اهڙين بيمارين کان بچڻ لاءِ اڄڪلهه جي ميڊيڪل سائنس جو اصول هي آهي ته وري وري تڙ ڪري جسم کي صاف رکيو وڃي.

الله تعاليٰ نماز لاءِ وضو ڪرڻ فرض ڪيو آهي جيڪڏهن وضوءَ جي عمل تي غور ڪبو ته ان ۾ به هيءَ حقيقت لڪل آهي ته بار بار هٿ، منهن ۽ پير ڌوئڻ، گرڙي ڪرڻ ۽ نڪ کي پاڻي ڏيڻ سان اهڙين جاين تي موجود جراثيم ڌوپجي وڃن ٿا ۽ اهڙيءَ نمازي لاءِ بيمار ٿيڻ جا چانسز گهٽ ٿين ٿا. سرجن جڏهن آپريشن جي تياري ڪندو آهي ته هٿ ۽ ٺونيون ڌوئيندو آهي. مٿو ۽ منهن ڍڪيندو آهي ته جيئن اتي موجود جراثيم مريض ڏي نه وڃن. هڪ نمازي ڏينهن ۾ پنج دفعا وضو ڪندي ڄڻ سرجن وانگر آپريشن جي تياري ڪري ٿو ۽ هي عمل ان کي ڪيترين ئي بيمارين کان آجو ڪري ٿو.

ٻنهي جهانن جي سردار هيٺين ڳالهين جو حڪم ڏنو ڏاڙهي وڌائڻ، مڇ ڪتائڻ، ڏندڻ ڪرڻ، نڪ کي پاڻي ڏيڻ، ننهن ڪترڻ ۽ بغل جا وار Under Hairs ڪترڻ. هيءَ حديث ڪميونٽي ميڊيسن جو بنياد آهي. بغل Under Hairs ۽ ننهن ڪترن ئي جراثيم جا گهر آهن. اهڙين جاين تي نه فقط چمڙيءَ پر جسم جي اندر به بيماريون پيدا ٿين ٿيون. صرف آڱرين جي ننهن ۾ مٽي هئڻ سان ٽائيفائيڊ ۽ دستن جهڙيون وبائي بيماريون شروع ٿين ٿيون.

ننهن جي اندر پيٽ جي جيوڙن جا آنا ٿين ٿا جيڪي ڪاڌو کائڻ سان گڏ پيٽ ۾ وڃن ٿا ۽ اتي وڌا ٿي سانپا ٿين ٿا جنهن ڪري کائڻ وارو سرشتو تباهه ٿئي ٿو. بغل ۽ Under Hairs جي موجودگي ۾ خارش جي بيماري Scabies به ٿئي ٿي.

وات جسم جي اندر وڃڻ وارين شين جو دروازو آهي ۽ ان جي اندر ڏند، ميوڪس هيمبرين Mucus Membrane، ٽانسلز (ڪليون) ۽ Oral Cavity ٿئي ٿي هي سڀ حصا ڪاڌ خوراڪ يا ٻئي ڪابه اندر وڃڻ واري شيءِ کي چيڪ ڪري، ڇهي ڇٽي اندر موڪلين ٿا ته جيئن هاضمو ٿيڻ ۾ آساني ٿئي. پاڻ سڳورن جسم جي اهڙي اهم حصي جي حفاظت لاءِ ڪجهه هدايتون ڏنيون جن ۾ کائڻ کان پهريون ۽ پوءِ هٿ ڌوئڻ ۽ گرڙي ڪرڻ آهي. اهڙي عمل سان پهريون يا پوءِ ٺهڻ واريون غذائي Deposits ضايع ٿي وڃن ٿيون ۽ وات ۽ ڏند ڪيترين ئي بيمارين کان محفوظ ٿي وڃن ٿا. پاڻ ڏندڻ ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو اٿائون. وضو ڪندي ڏندڻ ڪيو وڃي ته ڏندن ۾ موجود ڪاڌي جا ذرا نڪري وڃن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح اهي ذرا ڏندن ۽ مسوڙهن کي نقصان نه ٿا پهچائي سگهن. اهڙن ذرن جي گڏجڻ سان Dental Carries ۽ Gingivitis جهڙيون بيماريون ٿين ٿيون. ڊينٽل سرجن هر ڇهين مهيني ڏندن جي صفائي (Scalling) لاءِ چون ٿا پر ڏندڻ ڪرڻ سان Scalling جي ضرورت نه ٿي پوي. پاڻ سڳورن تيز گرم ۽ ڪٽين، مرچن وارين شين کان منع ڪئي آهي جيڪڏهن ان تي عمل ڪيو وڃي ته وات جي السر Stomatitis، Pharyngitis ۽ کان بچي سگهجي ٿو.

وات ڪانپوءِ کائڻ جي هڪ نالي پيٽ تائين وڃي ٿي. هن ناليءَ جا مختلف

بدهضمي ٿي سگهي ٿي. سنت مطابق رات جو ڪاڌو نماز عشاء کان اڳ کائجي تہ جيئن عشاء جي نماز جو گهٽيون رڪعتون ۽ ٿوري Walking جسم جي هاضمي کي درست رکن. اڄڪلهہ جيڪي ماڻهو ان وقت تي ڪاڌو کائين ٿا اهي فائدي ۾ آهن.

معياري ڪاڌو هڪ ٻيو اهم جزو آهي جنهن ۾ ڪاربوهائيڊريٽ، پروٽين، چربي سان گڏوگڏ وٽامنز جو هئڻ بہ ضروري آهي. چربي هڪ خاص مقدار کان وڌيڪ جسم لاءِ هاڃيڪار آهي خاص ڪري اڄڪلهہ جڏهن جسماني ڪم گهٽ ٿئي ٿو. پاڻ سڳورن جيڪي ڪاڌا پسند فرمايا آهن اهي اعلي ذوق سان گڏ ضروري ڪيميائي جزن جا مرڪب هيا. سائينجن کي پڳل گوشت پسند هيو. گوشت ۾ Proteins هوندا آهن جيڪي جسم ۾ بچاء (مدافعت) قوت ۽ جسماني عمارت جا بنياد آهن. Im-munity جو سڄو نظام پروٽين تي ٻڌل آهي. هاڻي ڏسو پاڻ سائينجن کي گوشت تہ پسند هيو پر اهڙي طرح ان جي فالتو چربي جي نقصان کان بچي ويا ۽ وڌيڪ گيهہ بہ استعمال ڪرڻو نہ پيو. ٿورو گوشت ڪاڌو جيڪو ضروري بہ هيو ۽ فائدي وارو پڻ.

پاڻ ڪاربوهائيڊريٽ ۾ سٽن جو اٽو ۽ اڻ ڇٽيل ڪڻڪ جو اٽو استعمال ڪندا هيا. ضروري نشاستو انهن ۾ موجود هيو چو تہ اڻ ڇٽيل اٽي ۾ Cel-lulose بہ هوندو آهي. صاف نشاستو جسم کي طاقت پهچائي ٿو ۽ Cellu-lose وري پائخاني ڪرڻ ۾ آساني ڪري ٿو ۽ ان جو استعمال قبضي ۽ ڪينسر جهڙين بيمارين کان بچائي ٿو. ڇٽيل اٽي بابت اڄ جي ميڊيڪل سائنس چوي ٿي تہ هي وڏي آنڊي جي ڪينسر پيدا ٿيڻ جو پهريون ڏاڪو آهي. ان ڪري اڄڪلهہ جون گوريون ڏنيون وڃن ٿيون تہ جيئن قبضي نہ ٿئي ۽ وڏو آنڊو بيمارين کان محفوظ رهي.

ٻنهي جهانن جا سردار ڪدو ۽ گوشت جي رس گهڻي پسند فرمائيندا هيا. ميڊيڪل سائنس جو اصول آهي تہ کهاڻي غذا ۾ گهٽيون ڪيلوريز هونديون آهن ۽ پاڻيءَ واري رس ۾ گهٽ ڪيلوريز هونديون آهن. هاڻي توهان ڪدو جي رس تي غور ڪيو. ڪدو ۾ پاڻي هئڻ ڪري ضروري وٽامنز آهن، گوشت ۾ پروٽين ۽ رس بہ گهٽ طاقت. اهڙي طرح هي متوازن ڪاڌو ٿيو.

خيرالبشر صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ مونکي مشروبات ۾ ٿڌو پاڻي وڌيڪ پسند آهي ۽ فرمايائون تہ بخار جي حالت ۾ پاڻي گهٽو استعمال ڪريو. پاڻي کان علاوه ٻين مشروبات جو Os-omotic Pressure رت کان وڌيڪ هوندو آهي ان ڪري اهي اڄ اجهائڻ بجاءِ وڌائيندا آهن پاڻي جسم اندر هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. پاڻي جو هڪ خاص مقدار جسم جي اندر هئڻ تمام گهڻو ضروري آهي، ٻڪين جو سڄو نظام پاڻي سان ڳنڍيل آهي پاڻي ضرورت کان وڌيڪ موادن کي ٻاهر ڪڍي ٿو. پاڻي پيگل ۽ اڻ ڍڪيل ٿانو ۾ پيئڻ کان پياري نبيءَ منع ڪئي آهي چو تہ اڻ ڍڪيل ٿانو ۾ مختلف قسمن جا جيوڙا پئجي سگهن ٿا جن جي ڪري پيٽ جون لاتعداد بيماريون پيٽ جا جراثيم، بخار، ٽائيفائيڊ وغيره خراب پاڻي پيئڻ ڪري ٿين ٿا.

پائخاني ڪرڻ لاءِ پاڻ فرمايائون تہ کٻي پير تي زور ڏئي ويهو. پائخانو هميشہ کٻي پاسي وڏي آنڊي جي Left Colon ۽ Sigmoid Colon ۾ گڏجي ٿو، کٻي پاسي زور لڳائڻ سان هي Rectum ۾ اچي پوءِ ٻاهر نڪري ٿو. پاڻ سڳورن جو هي فرمان سائنسي اصول جي عين مطابق آهي. پائخاني ڪانپوءِ ويهڪ کي چڱي طرح صاف ڪرڻ جو حڪم ڏنو اٿائون چو تہ جسم جي ان حصي تي عام جيوڙا ۽ خاص ڪري E.Coli جيوڙو هوندو آهي جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪري هي جيت رهجي وڃن ٿا تہ پوءِ پيشاب واري نالي متاثر ٿئي ٿي جنهن ڪري مثاني ۽ ٻڪي Kidney جون بيماريون شروع ٿين ٿيون.

طهر ڪرائڻ بہ سنت رسول آهي جو تہ مخصوص عضوي جي وڌيل کل ڪٽڻ سان مرد ان عضوي جي ڪينسر کان بچي وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي جو مسلمانن ۾ Penil Cancer جا ڪينسر نہ هئڻ برابر آهن.

لکين درود ۽ سلام هجن ٻنهي جهانن جي سردار رحمة العالمين تي جو پاڻ ڏيڍ هزار سال اڳ جسماني صحت جي باري ۾ اهڙا اعلي ۽ عمده راز ٻڌائي ويا. الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ هو اسان کي انهن احڪامن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

# هپيٽائيٽس بي (B)
# بابت چند حقيقتون

- هيپٽائيٽس بي (B) هڪ موتمار بيماري آهي، جيڪا هيپٽائيٽس بي وائرس (HBV) سبب ٿِئجي ٿي.
- سڄي دنيا ۾ اندازاً 2000 ملين انسان هن مرض ۾ وچڙيل آهن.
- هيپٽائيٽس بي (B) ائڊز جهڙي موذي مرض کان ٻه هڪ سئو دفعا وڌيڪ روڳ واري آهي.
- هيپٽائيٽس بي (B) سڄي دنيا ۾ هر سال هڪ کان ٻه ملين انسانن جي موت جي ذميوار آهي.
- هي بيماري رت (Blood) مرداڻي نطفي (Semen)، ڳوڙهن (Tears) ۽ ٻين جسماني پاڻيٺن وسيلي هڪ انسان مان ٻئي انسان ۾ منتقل ٿئي ٿي.
- پاڪستان ۾ ڏهن ماڻهن مان هڪ ڄڻو هيپٽائيٽس بي (B) جو ڪيريئر آهي (ڪيريئر جو مطلب اهو انسان جيڪو ٻئي انسان کي بيماري منتقل ڪري)
- پاڪستان ۾ جگر جي ڪينسر وارن مريضن مان 62 سيڪڙو مريض، هيپٽائيٽس بي (B) ۾ مبتلا هجڻ سبب ٻوڙگين ٿا.
- هيپٽائيٽس بي (B) ۾ مبتلا ٿيڻ کانپوءِ ان جو ڪوبه علاج نه آهي.
- هيپٽائيٽس بي (B) جي مرض کي صرف ۽ صرف ان جي روڪٿام وارين سين (Vaccination) سان ئي روڪي سگهجي ٿو.

**پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي ٻارن کي هيپٽائيٽس بي (B) جي هاڃن کان بچايو، اڄ ئي ان جي روڪٿام واريون سُيون (Vaccination) لڳرايو.**

## پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن پاران
## ماڻهن ۾ صحت جي سجاڳي آڻڻ جو پيغام

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 14 | | جي بي ايس ايس، ڊي سي ٽي او ڪراچي | | | | |
| | I | سول ورڪ | 210000/= | 4200/= | 250/= | 5 مهينا |
| | II | انسيٽيسائيڊ ٽريٽمنٽ | 20000/= | 400/= | 100/= | 1 مهينو |
| 15 | | جي بي ايل ايس ايس ايم ايم صادق ڪراچي | | | | |
| | I | گرائونڊ فلور | 250000/= | 5000/= | 250/= | 5 مهينو |
| | II | فرسٽ فلور | 250000/= | 5000/= | 250/= | 5 مهينا |
| | III | ڊبليو ايس ۽ ايس / ڊبليو، پي سي، ورڪ | 80000/= | 1600/= | 150/= | 2 مهينا |
| 16 | | گورنمنٽ رونق اسلام گرلس ڪاليج کارادر ڪراچي | | | | |
| | I | فرسٽ فلور ليفٽ ونگ | 250000/= | 5000/= | 250/= | 2 مهينو |
| | II | فرسٽ فلور رائيٽ ونگ | 250000/= | 5000/= | 150/= | 5 مهينا |
| | III | اڪيڊمڪ بلاڪ | 250000/= | 5000/= | 250/= | 5 مهينا |
| | IV | ڊبليو/ايس ۽ ايس / ڊبليو، پي سي، ورڪ | 200000/= | 4000/= | 150/= | 4 مهينا |
| 17 | | گورنمنٽ ڪراچي ڪاليج فار وومن چاند بيبي روڊ ڪراچي | | | | |
| | I | گرائونڊ فلور | 250000/= | 5000/= | 250/= | 5 مهينا |
| | II | فرسٽ فلور/سيڪنڊ فلور | 250000/= | 5000/= | 250/= | 5 مهينا |
| | III | آرٽس بلاڪ | 220000/= | 4400/= | 250/= | 4 مهينا |
| | IV | ڊبليو / ايس ۽ ايس / ڊبليو، پي سي، ورڪ | 80000/= | 1600/= | 150/= | 2 مهينا |
| 18 | | گورنمنٽ گرلس سيڪنڊري اسڪول تعليم گاهه نسوان ڪراچي | | | | |
| | I | گرائونڊ فلور | 250000/= | 5000/= | 250/= | 5 مهينا |
| | II | فرسٽ فلور | 200000/= | 4000/= | 150/= | 4 مهينا |
| | III | انسيٽيسائيڊ ٽريٽمنٽ | 25000/= | 500/= | 100/= | 1 مهينا |
| 19 | | جي جي ايس ايس، جي ايچ قاسم ڪراچي | | | | |
| | I | گرائونڊ فلور | 200000/= | 4000/= | 150/= | 4 مهينو |
| | II | فرسٽ فلور | 100000/= | 2000/= | 150/= | 2 مهينا |
| | III | انسيٽيسائيڊ ٽريٽمنٽ | 25000/= | 500/= | 100/= | 1 مهينا |
| 20 | | اين، جي، وي، هاءِ اسڪول ڪراچي | | | | |
| | I | سيمينار هال جي ريپيئر | 160000/= | 3200/= | 150/= | 5 مهينو |
| 21 | | گورنمنٽ ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ ڪڏو ڪراچي | | | | |
| | I | رائيٽ ونگ | 200000/= | 4000/= | 150/= | 4 مهينا |
| | II | ليفٽ ونگ | 175000/= | 3500/= | 150/= | 4 مهينا |
| | III | انسيٽيسائيڊ ٽريٽمنٽ | 30000/= | 600/= | 100/= | 1 مهينو |
| 22 | | گورنمنٽ ايليمينٽري ڪاليج مشن روڊ ڪراچي | | | | |
| | I | گرائونڊ / فرسٽ فلور | 200000/= | 4000/= | 150/= | 4 مهينا |

وڻن ويڇن وٽ، جي سِڪين ته سکڻو ٿيين (شاهه)

ماهوار
# ويڄ
ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

## جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا ته:

- صحت جي سڄاڻپ آڻيندڙ سنڌي ٻولي جو هي نرالو رسالو ماهوار "ويڄ" باقاعدگيءَ سان اوهانجي هٿ ۾ هر مهيني پهچي ۽ سنڌي جو هي نرالو رسالو بنا ڪنهن مالي بحران جي هلندو رهي.
- ٻولي جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ اوهانجو حصو شامل هجي.

## ته پوءِ:

- اڄ ئي ماهوار "ويڄ" جي ساليانو خريداري جو ڪوپن ڀري موڪليو.
- ڪوپن سان گڏ ساليانو خريداري جو چندو =/200 روپيا/ ڇهه ماهي خريداري جو چندو =/100 روپيا بئنڪ ڊرافٽ ذريعي موڪليو
- بئنڪ ڊرافٽ "ماهوار ويڄ" (Monthly WAIJ) جي نالي ۾ ٺهيل هجي.
- ساليانو خريداري جو چندو موڪلي اوهان ماهوار ويڄ پنهنجي دوستن ۽ پيارن کي سڄي سال لاءِ تحفي طور به موڪلي سگهو ٿا. اسان توهانجي دوست/ عزيز کي رسالي موڪلڻ سان گڏ اهو اطلاع ڪنداسين ته رسالو ڪنهن جي پاران تحفو ٿيل آهي.
- ڪوپن ۽ بئنڪ ڊرافٽ هيٺين پتي تي عام پوسٽ واري لفافي ذريعي موڪليو

| مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويڄ، جي.پي.او باڪس نمبر 568 ڪراچي |
|---|

نوٽ: چيڪ ۽ مني آرڊر قابل قبول نه هوندو. هر ساليانو خريدار کي ساليانو فيءَ جي بدلي رسالي جا 12 پرچا موڪليا ويندا.

# خريداري جو فارم

منهنجو/ منهنجي دوست / عزيز جو نالو ماهوار "ويڄ" جي ساليانو / ڇهه ماهي خريدارن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو وڃي. مان ساليانو / ڇهه ماهي چندي جو بئنڪ ڊرافٽ ۽ پنهنجا / پنهنجي دوست/ عزيز جا تفصيل هن فارم ۾ شامل ڪري موڪليان پيو.

نالو (ذات سان گڏ): ______________________________

ائڊريس: ______________________________

______________________________

شامل بئنڪ ڊرافٽ جو نمبر ______________________________

صحيح ______________ تاريخ ______________

قومی بچت کے

# سیونگز اکاؤنٹ

میں سرمایہ کاری کیجیے

# 13 فیصد

سالانہ منافع

- منافع انکم ٹیکس سے مستثنیٰ
- سرمایہ کاری کی کوئی حد مقرر نہیں

حکومتِ پاکستان کی ضمانت کے ساتھ

NATIONAL SAVINGS

مزید تفصیلات کے لیے
مرکز قومی بچت
یا پوسٹ آفس

سنٹرل ڈائریکٹوریٹ آف نیشنل سیونگز

سی ڈی اے، بلاک نمبر 1، اسلام آباد، فون: 9209828
کیبل: CENSAVE، ٹیلیکس: 5730 SAVE PK، فیکس: 9205368